# سرسو

ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو






جنوري 2016 کان جون 2016





سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

چهہ ماهي

# سرسو

جنوري 2016 کان جون 2016

اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن. (10:4)
(القرآن)

## هن شماري ۾ ......


- ايڊيٽر پاران ........ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ........ 3
- لاڙڪاڻي ۾ سڪسيس پروگرام جي افتتاحي تقريب ........ 4
- غير رسمي تعليمي سينٽر جي افتتاحي تقريب ........ 8
- سرسو جي چيئرمين شعيب سلطان خان جي ڳوٺاڻين عورتن سان پهرين ڳالهه ٻولهه ........ 11
- هڪ روزه ڪميونٽي ڪانفرنس ........ 15
- ڪراچي جي "اوشين مال" ۾ ثقافتي رنگ ........ 17
- ڪپهه اپائيندڙ علائقن ۾ (CRFA) پروجيڪٽ ........ 20
- هڪ خاموش انقلاب جي شروعات ........ 21
- سنڌ جي بزرگ شهرين جي ڀلائيءَ جو بل 2014 ........ 24
- سرسو جي سرگرمين جو تصويري ڏيک ........ 27
- سرسو جي سهڪار سان ماڻي منزل ........ 31
- هِڪ تربيت ورتل صحت ڪارڪن جو مسيحائي ڪردار ........ 32
- ماهہ گنج جو مثال ........ 33
- وزير اعظم جي بنا وياج قرض اسڪيم ........ 34
- قدرتي وسيلن جي انتظام ڪاري وارو شعبو ........ 35
- "انمول" ضلعي جيڪب آباد جي هِڪ مثالي ايل.ايس.او ........ 39
- مسمات مهناز جي ڪهاڻي ........ 42
- لوڪل سپورٽ آرگنائيشن (LSO) لونگ پٽي جي ڪارڪردگي ........ 45
- ڏک سکن جي سونهن ........ 47
- گهوٽڪيءَ جي ايل.ايس.او "سنهري روشني" جي ڪارڪردگي ........ 48
- رخسانہ خاتون : هڪ همٿ واري عورت ........ 50


ايڊيٽر

**نويد اسحاق ميمڻ**
مئنيجر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

ايڊيٽوريل بورڊ

**نثار احمد پناڻ**
مئنيجر NRM
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**نياز احمد هنگورو**
ريجنل مئنيجر - II
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**امام علي ڏيٿو**
ڊسٽرڪٽ مئنيجر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**عبدالوحيد ٻرڙو**
ڊسٽرڪٽ مئنيجر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ

**بخت علي ابڙو**
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

رابطي لاءِ ڏس پتو

**مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ**
سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر.
فون: 071-56271820 فيڪس: 071-5627182-111
ويب سائيٽ www.srso.org.pk

هيڊ آفيس
آفيس

**سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)**

سرسو ڪامپليڪس - شڪارپور روڊ سکر

# ايڊيٽرپاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي هر وقت اها ڪوشش رهي آهي تہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ترقيءَ جي راهہ ڪان هٽيل طريقن، ريتن ۽ ٻي جا رسمن بجاءِ ترقيءَ جا اهڙا طريقا ۽ نظام متعارف ڪرائجن، جن سان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن جي مٿان غربت جي چڙهي ويل ڌُڙ کي لاهي صاف ڪجي ۽ ڳوٺاڻن کي پنهنجي مدد پاڻ تحت واري فلسفي جي اصولن تي هلندي ڪين ترقيءَ جي راهن تي گامزن ڪندي ڪاميابين جا نوان داستان راغب ڪجن.

چوندا آهن تہ تبديلي لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي پر مان ان ڳالهہ ۾ ٿورو واڌارو ڪندس تہ تبديليءَ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ تہ ڪرڻي ئي پوندي آهي پر جڏهن اها تبديلي فردن بجاءِ سموري معاشري سان وابسطہ هجي ۽ ان تبديلي جو مقابلو سماج ۾ سون سالن ڪان پاڙون مضبوط ڪري بيٺل ناقص نظام سان هجي تہ پوءِ ان تبديليءَ لاءِ مستقل بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ جيڪڏهن تبديليءَ جي انهيءَ سفر ۾ ڪي رڪاوٽون اچي ويون تہ پوءِ اهو سفر اجان بہ گهڻو ڏکيو ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري اهڙن ڏکين سفرن تي هلندي اسان کي پنهنجون حڪمتِ عمليون بہ تمام گهڻي مهارت سان جوڙڻ جي ضرورت آهي. سرسو سان سلهاڙيل ٽيم نہ صرف تجربيڪار آهي پر باهمت پڻ آهي. جنهن ۾ مسڪين ماڻهن جي تڪليفن کي ختم ڪرڻ جو هڪ جذبو موجود آهي. جيئن تہ سرسو ۾ موجود محنتي، تجربيڪار ماڻهن ۽ خاص ڪري محمد ڏتل ڪلهوڙو جي قيادت ۾ جهڙي طرح سرسو تيزي سان وڌي رهي آهي ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت خلاف جهاد جي الم کي اونچو رکيو ويٺي آهي تنهن جو مثال مشڪل سان ئي ملي ٿو.

اسان سرسو سان سلهاڙيل اهڙن ئي ڪردارن کي منظر عام تي آڻيندا آهيون ۽ اسان جو اهو ازم هوندو آهي تہ جن ماڻهن سرسو جي ڏنل تبديلي ۽ ترقيءَ جي رستي تي هلندي ڪاميابيون ماڻيون اسان انهن ماڻهن جي ڪيل جاکوڙ ۽ محنتن کي ٻين تائين پهچايون تہ جيئن انهن ماڻهن جي همٿ، جذبي ۽ سندن زندگيءَ ۾ آيل تبديلين کي ڏسندي ٻيا ساٿي پڻ غربت خلاف جنگ واري ترقياتي پروگرام سان ڳنڍجي وڃن ۽ نہ صرف پنهنجو ۽ پنهنجي گهر جي حالتن کي بهتر ڪن پر ان سان گڏوگڏ هن سماج جا ڪارآمد فرد پڻ بڻجن.

اميد ڪيون ٿا تہ اسان جو هي سفر جاري ۽ ساري رهندو ۽ اوهان جي ڪيل محنتن کي سرسو جيڪا مڃتا ڏني آهي ۽ اسان کي يقين آهي تہ سنڌ جي هر واهڻ وستيءَ ۾ رهندڙ غريب ماڻهن کي هڪ ڏينهن ضرور ماڻ ملندو ۽ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ تحت جي عزم سان هڪ ڏينهن ضرورو ڪاميابيون ماڻيندا.

اوهان جي راين جو منتظر

**نويد اسحاق ميمڻ**

# پيغام

سہاجھڙي سنڌ جي غريب ماروئڙن جو تعلق ٻهراڙين سان آهي. اسان جا ڳوٺ وستيون ۽ واهڻ بنيادي سهوليتن کان وانجهيل آهن، جتي صحت، تعليم، امن امان، روڊ رستا، روزگار جا وسيلا نہ هجڻ جي برابر آهن. اتان جا سہاجھڙا غريب اياڻا ۽ ابوجھ ماڻهو، جيڪي بک، بيروزگاري ۽ غربت جي ڏبڻ ۾ ڦاٿل آهن.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهڙن غريب ڳوٺاڻن لاءِ روشن سج جيان اميد جو هڪ ڪرڻو آهي. هي ادارو انهن غريب ڳوٺاڻن بالخصوص عورتن جي ذهني جاڳرتا ڪندي سندن لڪيل صلاحيتن کي اڀاري ٿو تہ جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهندي پنهنجي آمدني وڌائيندي غربت کي نيڪالي ڏئي سگهن.

سرسو اهڙو ڪم سنڌ جي ڏهن ضلعن ۾ تعليم، زراعت، مال مويشي، هنري ۽ سلائي ڪڙهائي، ڳري مشينري جي ڊرائيونگ ۽ فني سکيا وغيره جي مد ۾ غريب ماڻهن سان گڏجي سڏجي ۽ سلهاڙجي ڪري ڪم ڪري رهي آهي تہ جيئن سندن زندگي ۾ آسودگي جهڙو خواب ڏسي پسي سگهجي. ۽ سرسو جا سماج سڌارڪ ڏينهن رات غريبن کي منظم ڪندي ڪين تنظيمي مالها ۾ مڙهي رهيا آهن تہ جيئن منظم ٿيندي سندن جي زندگين مان نااميديون، نراسايون، مفلسيون ختم ڪندي ڪين خوشحال ۽ پرامن زندگين طرف وک وجهرائي سگهجي. ۽ هو آمدني ڪمائندي پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن لاءِ ڪارآمد ۽ مستقبل جا معمار ثابت ٿي سگهن.

اسان جون ڪيل ڪوششون روشن سج جيان سيني جي اڳيان آهن جنهن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ صاحب اختيار ادارن، سرڪار ۽ ڳوٺاڻن جي مدد ۽ ساٿ جي اجان بہ وڌيڪ ضرورت آهي.

مان اميد ٿو ڪريان تہ اهڙي جدوجهد جاري ۽ ساري رهندي ۽ پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان جا ڳوٺاڻا ترقي يافتہ ڳوٺن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا.

ساٿ سلامت

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيسن سکر

# لاڙڪاڻي ۾ سڪسيس پروگرام جي افتتاحي تقريب

عبدالمنان چاچڙ

29 مارچ 2016ع اڱاري جوئي ڏينهن هيو جڏهن لاڙڪاڻي شهر ۾ واقع ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي زيبسٽ هال ۾"سنڌ يونين ڪائونسل ۽ ڪميونٽي اڪنامڪس اسٽريٽننگ سپورٽ" پروگرام جي افتتاحي تقريب سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ سوين ماڻهن جن ۾ ڳوٺاڻين تنظيمن جي عورت ميمبرن، علائقن جا چونڊيل عيوضي، سرڪاري عملدار، ڪمشنر لاڙڪاڻو غلام اڪبر لغاري، ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو جاويد جاگيراڻي، اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور نعيم احمد، ميمبر صوبائي اسيمبلي محمد علي ڀٽو، پ.پ ليڊيز ونگ قمبر جي صدر محترمہ فريال بروهي، سردار برهان خان چانڊيو ۽ ٻين اعليٰ سياسي ۽ سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي. تقريب دوران ميزباني جا فرائض سرسو جي ريجنل مئنيجر ڊاڪٽر غلام رسول سميجو ۽ لاڙڪاڻي جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر امام علي ڏيٽو ادا ڪيا.

تلاوت ڪلام پاڪ سان باقاعده تقريب جو آغاز ڪيو ويو، سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو آيل معزز مهمانن جي آجيان ڪندي چيو تہ اڄوڪي تقريب هِڪ تاريخي تقريب ان ڪري بہ آهي جو سرسو ۽ سنڌ حڪومت جي گڏيل سهڪار سان 7 سال اڳ شروع ڪيل يونين ڪائونسل سطح تي غربت گھٽايو پروگرام (UCBPRP) بابت هِڪ ڊگهو پروگرام ترتيب ڏيو ويو هو، جنهن جي ڪامياب نتيجن جي آڌار تي يورپين يونين وڏيڪ 8 ضلعن ۾ ساڳيو پروگرام شروع ڪيو آهي. جنهن بابت اسين سڀ هتي گڏ ٿيا آهيون، جڏهن تہ ساڳي پروجيڪٽ جي ڪاميابين متعلق ضلعي ڪشمور، شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي ڳوٺاڻين تنظيمن جن ۾ ,COs، VOs ۽ LSOs جون چونڊيل اڳواڻ هتي موجود آهن، جيڪي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪنديون.

سرسو جي چيئرمين شعيب سلطان خان پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ اڄ "SUCCESS" جي افتتاحي تقريب ۾ سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جا ميمبر، سياستدان، ڪمشنر، اعليٰ آفيسر ۽ سماجي اڳواڻ موجود آهن جن جي هجڻ سان ئي ڏکيا ڪم آسان ٿيندا آهن ۽ يقيناً انهن جي سهڪار، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن لاءِ تمام ضروري آهي. جڏهن آءٌ ڪراچيءَ ۾ ڪمشنر هيس، تڏهن ئي پنهنجي من ۾ فيصلو ڪري ڇڪو هيس تہ مونکي "ڪميونٽيز" ۾ وڃي ڪري انهن سان ڪم ڪرڻو آهي. ۽ اڄ جڏهن مان پنٽي نهاريان ٿو تہ زندگيءَ جا 44 سال گذري چڪا آهن.




مختلف ملڪن ۾ مختلف ڪميونٽيز سان ڪم ڪندي جڏهن تہ پاڪستان ۾ اهو ڪم ڪرڻ لاءِ بي حد شوق هيو. سوچيم تہ پاڪستان ۾ اهو ڪم حڪومت جي تعاون بنا ممڪن ڪونهي. ۽ 1988ع ۾ جڏهن محترمہ بينظير ڀٽو ملڪ جي وزير اعظم هئي. ساڻس ملاقات ڪري اهڙي پروگرام بابت ڳالهايو جنهن تي محترمہ چيو تہ خان صاحب توهان جو پروگرام تعريف لائق ۽ هڪ انقلابي پروگرام آهي. پر ايترو آسان بہ ناهي. ڪاش! اڄ محترمہ زنده هجي ها ۽ پنهنجي علائقي جون هتي موجود عورتن کي پاڻ ڏسي ها ۽ ٻڌي ها.

هن وڌيڪ چيو تہ، مونکي خوشي ٿي رهي آهي جو سرسو جيڪو 2009ع ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گھٽايو پروگرام "UCBPRP" شروع ڪيو هيو. ان مان فائدو حاصل ڪندڙ عورتون اڄ اوهان سان پاڻ ڳالهائي رهيون آهن. جن ڪي اسان توهان سيئي ٻڌي رهيا آهيون.

هن وڌيڪ ٻڌايو تہ يورپي يونين جو هڪ وفد سنڌ جو دؤرو ڪرڻ بعد جڏهن هو اسلام آباد آيو، تنهن مونکي ٻڌايو تہ اسان پاڪستان ۾ منظم عورتون اهڙيون ڪٿي ناهن ڏٺيون جيڪي توهان جي تنظيم ۾ ڏٺيون آهن. شعيب صاحب چيو تہ اسين يورپي يونين جا مشڪور آهيون جن سرسو کي لاڙڪاڻي ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ۾ هي منصوبو ڏنو. هن چيو تہ غربت گھريلو سطح تي هجڻ سبب چاهيوسين تہ هڪ اهڙو ستون پڻ هجي جيڪو انتظامي ۽ سياسي ستونن جي مدد ڪري سگھي ۽ اهو سماجي ستون هجي جنهن ۾ اسين ڏسون ٿا تہ اسين گھڻي قدر ڪامياب رهيا آهيون.




ڪمشنر لاڙڪاڻو اڪبر لغاري ڳالهائيندي چيو تہ مون کي اڄ هتي اچي بيحد خوشي ٿي آهي تہ جنهن مقصد لاءِ مان لکندو ۽ اپاءَ وٺندو رهيو آهيان. انهيءَ ئي مقصد مطابق اڄ ڪشمور ۽ جيڪب آباد جون سرسو پاران منظم ڪيل عورتون پنهنجي سماجي حقن، تحفظ ۽ خوشحاليءَ جو داستان پاڻ ٻڌائي رهيون آهن.

هن چيو تہ جهڙين حالتن ۾ اسان جون عورتون ۽ لر سنڌ ۾ رهن ٿيون ان ڪان بہ بدتر حالت يورپ ۾ هوندي هئي، سئزرلينڊ ۾ عورتن کي ووٽ جو حق وٺڻ لاءِ 75 سال لڳي ويا. آمريڪا ۾ 35 سال لڳا. يورپ جي عورتن کي ٽي.چار سؤ سال لڳا. پر هتان جي عورتن کي ٿورڙي ئي عرصي ۾ سرسو هڪ روح ڦوڪي ڪين ڳالهائڻ جي قابل بڻايو آهي. منهنجي لاءِ انتهائي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ ۽ لر سنڌ سان تعلق رکندڙ عورتون اهڙن ميڙاڪن ۾ شرڪت ڪن ٿيون، ڳالهائين ٿيون، اسٽيج اتي اچي تقريرون ڪن ٿيون.

عورت جي آزادي هڪ وڏي ڳجهارت رهي آهي، هن سوال ڪندي چيو تہ عورت جي آزادي مان مراد آهي ڇا؟ جنهنجي جواب ۾ چيائين تہ اڪثر ماڻهن جو جواب هوندو آهي تہ عورت کي تعليم سان ئي آزادي ملي ٿي ۽ اهو جواب سؤ سيڪڙو درست ناهي.

عورت جي مڪمل آزادي ۽ ان کي چئبو آهي جيڪا عورت روزگار سان هجي، ڪٿي پوءِ مينهون چونہ چاريندي هجي. پر پئسو ڪمائي جڏهن گهر ويندي آهي تہ مرد ان جي ٻڌندو آهي. اهميت ۽ عزت انهن عورتن جي ٿئي ٿي جيڪي پاڻ پئسو ڪمائي گھر کڻي وڃن ٿيون، جيڪو سرسو جو فلسفو آهي جيڪو وڏو ڪمال آهي. ڪوبہ سرسو جي تعريف ڪرڻ کان رهي نٿو سگھي جنهن عورتن کي پئسي ڪمائڻ جي لائق ڪيو آهي.




هن پنهنجي تقرير ۾ سرسو ۽ سرسو سان واڳيل "ڪميونٽيز" لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ سرڪاري سطح تي پيش ايندڙ سيني مسئلن جي حل لاءِ پنهنجي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو.

سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو واضع ڪندي ٻڌايو تہ ڪميونٽي آرگنائيزيشن (CO) هڪ پاڙي سطح جي تنظيم ٿيندي آهي، جنهن ۾ صدر، مئينجر يا سيڪريٽري چونڊيا ويندا آهن. اهي وليج آرگنائيزيشن (VO) ۾ ٿيندڙ اليڪشن ۾ حصو وٺندا آهن. هن ٻڌايو تہ CO هڪ گهرَ جي بنياد وانگر هوندي آهي، جڏهن تہ VO ان گهرَ جي ديوار جي مثال آهي ۽ LSO وري ان گهرَ جي ڇت وانگر هوندي آهي، ان جو مطلب تہ جڏهن گهرَ جو

بنياد مضبوط هوندو ته سمورو گهر مضبوط رهندو.

هن چيو ته UCBPRP پروگرام 2009ع ۾ سرسو ۽ حڪومت سنڌ جي سهڪار سان شروع ٿيو جنهن هيٺ ٽن ضلعن شڪاپور، جيڪب آباد ۽ ڪشمور-ڪنڌڪوٽ جي لڳ ڀڳ هڪ لک گهراڻن کي هڪ ارب روپيا ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ جي حوالي سان ڏنا.

سرسو جي اهڙي مثالي ۽ شفاف پروگرام ۽ ڪم جي طريقن کي ڏسي اسان وٽ يورپي يونين وارا آيا جن اهڙي ئي طرز جو هڪ ٻيو پروگرام ”سڪسيس“ سرسو جي ٻن ضلعن لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ۾ ڏنو. جڏهن ته انهن ٻن ضلعن کان علاوه ساڳيو پروگرام سنڌ جي ڇهن ٻين ضلعن ۾ پڻ يورپي يونين پاران شروع ڪيو ويو آهي.





ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ جي مشهور سياسي شخصيت ۽ منشيات جي خاتمي واري صوبائي صلاحڪار سردار ٻرهان خان چانڊيو چيو ته اسين ٿورائتا آهيون سرسو سميت هر ان اداري جا ۽ ماڻهن جا، جن قمبر جهڙي پنتي پيل ضلعي ۾ هي پروگرام شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اڄوڪي ميڙاڪي ۾ عورتن جو جذبو ۽ همت ڏسي سچ پچ سرسو داد لهڻي، جن عورتن کي اڳتي آڻي اسان سڀني جا ڳاٽ مٿي ڪري ڇڏيا آهن. هڪ نياڻي جي اڳتي وڌي اچڻ سان پورو گهر اڳتي نڪري ويندو آهي. اسان ۾ جيتري ٻڌي هوندي اوترو ئي وڌيڪ ڪامياب ٿينداسين دعا آهي ته رب پاڪ سرسو ٽيم جو هميشه نگهبان رهي.




پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ قمبر ضلعي جي صدر محترمه فريال بروهي پنهنجي تقرير ۾ چيو ته اڄ جو ڏينهن انتهائي خوشي جو باعث ۽ تاريخي ڏينهن آهي جو يورپي يونين جي مالي سهڪار وارو پروجيڪٽ لاڙڪاڻي ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ضلعن ۾ شروع ٿي رهيو آهي. منهنجي دعا آهي ته سرسو ٻين ضلعن جيان هتي به هي پروگرام پنهنجي ٻين سڀني پروگرامن وانگر شفاف طريقي سان عمل پذير بڻائيندو.

هن محترمه بينظير ڀٽو کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته اڄ جو هي ميڙاڪو محترمه جي خوابن ۽ جدوجهد جو عملي روپ بڻجي سامهون اچي بيٺو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي ٻهراڙين سان تعلق رکندڙ عورتون پنهنجي سماجي آزادي ۽ اعتماد جو چٽو ثبوت ڏئي رهيون آهن.

ميمبر صوبائي اسيمبلي سنڌ محمد علي ڀٽو پنهنجي تقرير ۾ چيو ته اڄ محسوس ٿي رهيو آهي ته محترمه بينظير ڀٽو جيڪو ٻج پوکيو هو، اڄ ان جو وڻ وڏو ٿي ڦلدار بڻجي چڪو آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته معاشري کي بهتر ڪرڻ جي لاءِ عورتن کي سماجي آزادي لاءِ همٿائڻو پوندو آهي. سنڌن جو اڳتي اچڻ هڪ روشن مستقبل جو اهڃاڻ آهي. هن چيو ته سچ پچ عورتن کي پاڻ ڀرو ۽ خودمختيار بنائڻ ۾ سرسو جس لهڻي. ۽ اهو واضع ٿي چڪو آهي ته عورتن کي اڳيرائپ جي حوالي سان سرسو جو پليٽ فارم مضبوط، آسان ۽ نهايت ڪارائتو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اڄ ٻهراڙيءَ سان تعلق رکندڙ ادڙيون ۽ مائرون ٻاهر ڏسي اهو يقين ٿي ويو آهي ته هاڻي اهو وقت پري ناهي جو اسان جا ڳوٺ ۽ معاشرو وڌيڪ ترقي جو سفر طئه ڪندا. هن مشورو ڏيندي چيو ته مستقبل قريب ۾ اهڙو پروگرام پڻ رٿيو وڃي جنهن ۾ پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو کي مدعو ڪيو وڃي ته جيئن هو اسان جي ڳوٺاڻين مائرن ۽ ڀينرن جو اعتماد ۽ تقريرون پڻ ٻڌي ۽ ڏسي سگهي.



اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور نعيم احمد تقرير ڪندي چيو تہ سماجي خدمتن جي حوالي سان سرسو جي واکاڻ اسان لفظن ۾ بيان نٿا ڪري سگهون. ان لاءِ ڪوڙ سارو وقت لڳندو. تعليم صحت ۽ غربت جي خاتمي جي حوالي سان هن اداري (سرسو) جو ڪنهن بہ ٻئي اداري سان ڀيٽ نٿي ڪري سگهجي. سرسو جو ڪردار ڳوٺاڻين ۽ غريب ماڻهن کي پنهنجي بنيادي حقن کان روشناس ڪرائڻ ۾ بہ اهم ڪردار رهيو آهي.




ان کان اڳ "سڪسيس" پروگرام جي ٽيم ليڊر جمال مصطفيٰ شورو پروگرام متعلق آيل مهمانن کي تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ وڊيڪ ٻڌايو تہ "SUCCESS" پروگرام يورپي يونين پاران سنڌ جي 8 ضلعن ۾ ڏنو آهي. جن ۾ ٻہ ضلعا لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ سرسو کي ڏنو ويو آهي. هن چيو تہ هي پروگرام پڻ حڪومت سنڌ جي ترقياتي پاليسين سان مشابهت رکي ٿو. چوتہ تنظيم سازي ۾ 70% سيڪڙو گهر ايندڙ پنجن سالن تائين هن پروگرام تحت ڪم ڪندا رهندا، پهرين مرحلي ۾ 2 لک 53 هزار گهراڻن کي منظم ڪيو ويندو ۽ پاورٽي اسڪور ڪارڊ (PSC) سروي بہ ڪئي ويندي. پاڙي جي سطح تي 12,666 تنظيمون ٺاهيون وينديون جن ۾ 90 يونين ڪائونسلون (UCs) شامل هونديون ۽ ضلعي سطح تي بہ لوڪل سپورٽ نيٽ ورڪ (LS Network) ٺاهيا ويندا. جن ۾ 13 جوائنٽ ڊولپمينٽ ڪميٽيون ٺهنديون، جڏهن تہ 36,500عورتن کي هڪ کان ٻن مهينن تي مشتمل هنري تربيتون ڏنيون وينديون.

هن چيو تہ هن پروگرام تحت پنجن سالن ۾ 110,894گهراڻا ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) مان فائدو حاصل ڪري سگهندا ۽ 40,501 گهراڻن جي مائڪرو هيلٿ انشورنس پڻ ڪئي ويندي. جمال شورو ٻڌايو تہ ڪل 11 تعلقن ۾ هي پروگرام شروع ٿي رهيو آهي. جن ۾ 4 تعلقہ لاڙڪاڻو ۽ 7 تعلقہ قمبر-شهدادڪوٽ جا شامل آهن. لاڙڪاڻي تعلقن جا 177,637 گهراڻا ۽ قمبر-شهدادڪوٽ جي 7 تعلقن جا 184,140 گهراڻا شامل ڪيا ويا آهن.

ان ڪانپوءِ ايل.ايس.او "روشني" جي جنرل سيڪريٽري روبينہ خاتون، مهناز، ايل.ايس.او "اتحاد" ٺل جيڪب آباد جي چيئرپرسن رخسانہ سرڪي، VO غلام محمد ڪوسو ضلعو ڪشمور جي صدر مير زادي، نوشاد، ايل.ايس.او "ايمان" تعلقي ٺل جي صدر فهميده سرڪي VO گل جتوئي يونين ڪائونسل دستي جي شاهده ۽ ٻين اسٽيج تي اچي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن کي پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا ٻڌايا.

انهيءَ ڪانپوءِ افتتاحي تقريب پنهنجي پڄاڻي تي پهتي.



# غير رسمي تعليمي سينٽر جي افتتاحي تقريب

بابر جاگيراڻي
پروگرام آفيسر مانيٽرنگ شعبو، جيڪب آباد



ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد محترم راجا شاهنواز بابر غير رسمي تعليمي سينٽر ڳوٺ عبدالعزيز خاراني يونين ڪائونسل رند واهي تعلقو ۽ ضلعو جيڪب آباد جو افتتاح ڪيو. ان افتتاحي تقريب ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزئشن جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، ريجنل پروگرام مئنيجر غلام رسول سميجو، ريجنل پروگرام مئنيجر نياز هنگورو، سوشل سروسز سيڪٽر جي مئنيجر نعمت الله شيخ، سرسو مانيٽرنگ شعبي جي مئنيجر نويد اسحاق ميمڻ، سرسو ڊسٽرڪٽ آفيس جي ٽيم، نان فارمل ايجوڪيشن جي ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد عالم ٿهيم، پي پي ايڇ آءِ، يو.سي چيئرمين، سماجي ادارن جي نمائندن، ميڊيا، VO، CO، LSO، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

پروگرام جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي. سرسو جيڪب آباد جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر منظور جلباڻي آجياڻو پيش ڪندي چيو تہ آءُ سمورن معزز مهمانن، استادن، شاگردن ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيريشن جي ميمبرن جو نهايت شڪر گذار آهيان جن اڄوڪي هن تقريب ۾ شرڪت ڪري پنهنجي باشعور ۽ ذميوار هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي. جلباڻي تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ اها منهنجي ذاتي خواهش هئي تہ ضلعي جيڪب آباد ۾ معياري تعليم جي حوالي سان ڪم ڪجي، جنهن لاءِ مون سرسو مئنيجمنٽ کي ذاتي طور تي تعليم جي واڌاري لاءِ تعليمي سينٽر شروع ڪرڻ لاءِ بار بار عرض پئي ڪيو ۽ خوشي جي ڳالهہ اها آهي تہ اڄ اسين تعليمي سينٽر جي شروعات ڪري رهيا آهيون.




محترمہ رخسانہ چيئرپرسن لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن "الخدمت" يونين ڪائونسل رند واهي چيو تہ اسين ٿورائتا آهيون سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جا جن هميشہ عورتن جي ڀلائي لاءِ اڻٿڪ ڪوششون ڪيون آهن. اسان جي ڳوٺ عبدالعزيز خاراني ۾ نياڻين لاءِ غير رسمي تعليمي سينٽر ڪولي اسان جي ٻارڙن کي بهتر تعليم حاصل ڪرڻ جوموقعو ڏنو آهي. انهيءَ موقعي تي سمورن معزز مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ پهرايا ويا جڏهن تہ محترمہ عطيہ پٽو (ايڊوائيز يو.ايس.ايڊ سنڌ ريڊنگ پروگرام) 30 شاگردياڻين ۾ ڪتاب ۽ اسڪولي بيگ پڻ ورهايا.

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو محمد ڏتل ڪلهوڙو پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ سرسو هاڻي ڳوٺاڻن جي گهر جي ڀاتي جي حيثيت ماڻي ورتي آهي. هن سرسو جي فلسفي بابت وضاحت ڪندي ٻڌايو تہ هي سنڌ جو سماجي ٽنيو آهي، جنهن جي سفر جو آغاز 2003ع کان ڪيو ويو. سنڌ جون ٻهراڙيون بنيادي سهولتن کان محروم ۽ انيڪ مسئلن جي ورچڙيل هيون، هر ڪوئي انهن کان ٻاهر نڪرڻ جو خواهشمند هو. سرسو اهڙي صورتحال ۾ عورتن کي ترجيح ڏيندي پاڙي، ڳوٺ ۽ يوسي جي سطح تي عورتن کي منظم ۽ متحد ڪري انهن جو سماجي ۽ معاشي رتبو مٿاهون ڪيو آهي. ڪجهہ سال اڳ ٻهراڙين جا ماڻهو عورتن جو نالو ڪڍڻ لاءِ بہ راضي نہ هوندا هئا ۽ هاڻي اڄوڪي هن تقريب ۾ شامل سرڪاري نمائندا، سماجي



ورڪر، صحافي ۽ ٻيا شرڪت ڪندڙ اڃوڪي عورتن جي شرڪت مان عورتن جي برابري ۽ پنهنجي حقن جي سڃاڻپ واضح طور ڏسي سگهن ٿا. اها تبديلي سرسو جي محنتي ورڪرن جي جفاڪشي ۽ ڪاوشن بعد حقيقي ويس ۾ ظاهر ٿي آهي. انهن ڪوششن جو اهو نتيجو آهي جو عورتون هنن وڏين تقريبن ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجو واضح موقف پڻ پيش ڪن ٿيون، تہ هو پنهنجي ٻارن کي تعليم يافتہ ڏسڻ چاهن ٿيون. ڇو تہ تعليم ئي واحد ڪِرڻو آهي جنهن وسيلي اونداهين مستقبل کي روشن ڪري سگهجي ٿو. هن وڌيڪ خطاب ڪندي چيو تہ اها منهنجي خواهش آهي تہ ٻهراڙين ۾ تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪيو وڃي ڇو تہ تعليم ئي واحد ذريعو آهي جنهن وسيلي انسان جي مستقبل کي روشن ڪري سگهجي ٿو.



نان فارمل ايجوڪيشن جي ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد عالم ٿهيم تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ ”اڄ هتي هڪ غير رسمي تعليمي سينٽر جو افتتاح ڪيو پيو وڃي اها تمام گهڻي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي اسان سڀني لاءِ خاص ڪري انهن والدين لاءِ جن جا ٻار تعليم حاصل ڪرڻ جو ٻهريون موقعو وڃائي ويٺا آهن. اڄ اوهان سڀني والدين کي واعدو ڪرڻو پوندو تہ اوهان پنهنجي ٻارڙن کي روز اسڪول اماڻيندا ۽ هن سينٽر کي مڪمل طور هلائيندا. سنڌ گورنمينٽ ۽ غير رسمي تعليمي کاتي 22 جنوري تي هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي. جنهن ۾ پنج ڪاميٽيون ٺاهيون ويون آهن. سنڌ ريڊنگ پروگرام جي ٽيم، سرڪاري آفيسر ۽ تعليمي ماهرن سان گڏجي، غير رسمي تعليمي ڪورس ٽن پيڪيجن ۾ گڏ ڪيو آهي. اهو ڪورس تقريبن مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ جلد ئي پڌرو ڪيو ويندو. SRSO ۽ USAID سنڌ ريڊنگ پروگرام هيٺ گڏجي غير رسمي تعليمي سينٽر کولي رهيا آهن، اهو هڪ عظيم ڪم آهي جيڪو ساراهہ جي مستحق آهي. سرسو جي ريجنل پروگرام مئنيجر غلام رسول سميجو پنهنجي خطاب ۾ سرسو جي سموري سفر کي ورجايو ۽ ٻڌايو تہ سرسو جي سرگرمين باعث ماڻهن جي روين ۾ تمام گهڻي مثبت تبديلي اچي چڪي آهي. هاڻي ٻهراڙين جا ماڻهو پنهنجي ٻارن کي پڙهائڻ چاهين ٿا. اها تمام وڏي تبديلي آهي، جيڪا انهن پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح تي ٺاهيل تنظيمن جي ميمبر عورتن جي جاکوڙ جو نتيجو آهي. جيڪي عورتون سرسو سان سلهاڙجي عورتن جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ هر وقت ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هن وڌيڪ چيو تہ هن غير رسمي تعليمي سينٽر جي دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ هن سينٽر جي عمارت ۽ استادن جي چونڊ اوهان ڳوٺاڻن پاڻ ڪئي آهي ۽ اهو ئي ڪارڻ هن پروجيڪٽ کي ڪامياب ڪندو.

ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد راجا شاهنواز بابر چيو ”هن سينٽر جي شروع ٿيڻ تي اوهان سڀني کي مبارڪون هجن. سنڌ



روورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)، حڪومت سنڌ سان گڏجي تمام گهڻو ڪم ڪري رهي آهي. ضلعو جيڪب آباد تمام گهڻن مسئلن ڪي هڪ ئي وقت منهن ڏئي رهيو آهي جهڙوڪ: تعليم جي بدترين حالت، تمام گهڻي غربت ۽ صحت جي سهولتن جي کوٽ سبب مائرن ۽ ٻارن جي موت جي شرح ۾ اضافو ٿي رهيو آهي“. ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته اهي سمورا مسئلا تعليم جي کوٽ سبب ئي جنم وٺن ٿا. تعليم جي اچڻ سان اهي سمورا مسئلا پاڻمرادو حل ٿي ويندا. نياڻين ڪي پڙهائڻ تمام ضروري ۽ اهم آهي ڇو ته انهن وسيلي گهربل تبديلي ممڪن آهن.




سرسو جي سوشل سيڪٽر سروسز جي مئنيجر نعمت الله شيخ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ضلعي جيڪب آباد ۾ معياري تعليم جي شديد ضرورت آهي، ڊسٽرڪٽ مئنيجر ۽ ٽيم جي دلچسپي ڪي ڏسندي اسان هتي غير رسمي تعليمي سينٽر شروع ڪرڻ ڪي ترجيح ڏني آهي. پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح جي تنظيمن جي ميمبرن ۽ والدين تي هاڻي اها ذميواري عائد ٿئي ٿي ته هو مختلف وقتن تي سينٽرن جي وزٽ ڪندا رهن ته جيئن هي هڪ ڪامياب سينٽر ثابت ٿئي ۽ اسين پنهنجا گهربل نتيجا ۽ مقصد حاصل ڪري سگهون.

يونين ڪائونسل رند واهي جي چيئرمين محترم امان الله پناڻ چيو ته آءُ شڪر گذار آهيان سنڌ روورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جو، جن اسان جي يونين ڪائونسل ڪي ترجيح ڏني ۽ هتي غير رسمي تعليمي سينٽر کوليو. تعليم زندگيءَ جي هر قدم تي تمام گهڻي اهميت رکي ٿي. اسين سرسو سان شروع کان وٺي سهڪار ڪندا رهيا آهيون. هاڻي به هر وقت هر قسم جو سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.




USAID سنڌ ريڊنگ پروگرام جي ايڊوائيزر محترمه عطيه پٺو چيو ته سنڌ ريڊنگ پروگرام سنڌ اندر معياري تعليم لاءِ، سنڌ گورنمينٽ ۽ غير رسمي تعليمي کاتي جي مقصدن ڪي حاصل ڪرڻ ۽ 10-16 سالن جي عمر وارن ٻارن لاءِ غير رسمي تعليم جا موقعا وڌائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. هاڻي سنڌ ريڊنگ پروگرام سنڌ روورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سان گڏجي 33 غير رسمي تعليمي سينٽر کولي جيڪب آباد جي 1000 شاگرداڻين ڪي بهتر تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري رهيو آهي. هي پهريون فيز آهي. هن پروجيڪٽ وسيلي غريب مسڪين ٻي پهچ ٻارن تي پيئسو خرچ ڪرڻو آهي، اسين ان پئسي جي صحيح استعمال بابت فڪرمند هئاسين. پر هاڻي هتي اچي مطمئين ٿي آهيان. اسان خوش قسمت آهيون جو اسان ڪي سرسو جهڙو سگهارو ادارو مليو آهي. هن استادن سان وڌيڪ مخاطب ٿيندي چيو ته پڙهائڻ واري ڪرت عبادت سمجهي ڪيو نه ڪي محض نوڪري سمجهي. ڇو ته هي بيو موقعو آهي انهن ٻارن لاءِ جن پهريون موقعو وڃايو آهي. جيڪڏهن هي موقعو به انهن کان وڃائجي ويو ته انهن جو مستقبل تباهه ٿي ويندو. جڏهن ته غير رسمي تعليمي سينٽر جو معيار، مڪمل جاري رکڻ ۽ پڙهائڻ جي طريقيڪار ڪي تمام گهڻي توجهه گهربل آهي. آءُ پڙهائڻ جي حوالي سان اوهان جي هر وقت معاونت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. آءُ آخر ۾ مائرن ڪي گذارش ڪنديس ته ٻارن جي حاضري يقيني بڻائڻ لاءِ هو پاڻ به سينٽر وزٽ ڪنديون رهن.

ريجنل پروگرام مئنيجر نياز احمد هنگوري آخر ۾ آيل سمورن مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته اسين USAID سنڌ ريڊنگ پروگرام جا ٿورائتا آهيون جن هن پروجيڪٽ لاءِ مالي سهائتا ڪئي. جيڪب آباد جي تعليمي معيار ڪي بهتر ضلعن جي پيٽ ۾ تمام گهڻي محنت ۽ توجهه جي ضرورت آهي.

# سرسو جي چيئرمين شعيب سلطان خان جي سڪسيس پروگرام تحت ڳوٺاڻين عورتن سان ٿيل ڳالهه ٻولهه

جميل احمد

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ڳوٺاڻي ترقيءَ جو هڪ مؤثر ذريعو آهي، گهڻ عرصي کان هي ادارو مقامي وسلين کي ڪتب آڻيندي مختلف شعبن ۾ پيداواري صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ٻي پهچ، مسڪين ڳوٺاڻن ماڻهن جي جيءَ ۾ جهاتي پائي انهن جي اندر جون لڪيل صلاحيتون به نروار ڪري انهن کي دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪري رهيو آهي.

هن وقت تائين سرسو جيڪو ڪم غريب ڳوٺاڻن جي زندگيءَ کي بهتر، خوشحال ۽ عزت لائق بنائڻ سميت کين غربت مان جان ڇڏائڻ لاءِ ڪيو آهي. اهو ڪنهن کان به لڪيل ڇپيل ڪونه آهي. زندگيءَ جي مڙني شعبن سان تعلق رکندڙ ڪوبه شخص اهڙو نه ملندو جنهن سرسو جو ڪم ڏسي واهه واهه ڪرڻ کانسواءِ رهجي نه سگهيو هجي. يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام (UCBPRP) جي ڪاميابي کانپوءِ "سنڌ يونين ڪائونسل اينڊ ڪميونٽي اڪنامڪس اسٽريٿننگ سپورٽ (SUCCESS) پروگرام تحت لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ جمعو شيخ يو.سي وڏا مهر ۾ ڪميونٽي سان ٿيل تعارفي پروگرام دوران چيئرمين جناب شعيب سلطان خان ڳالهائيندي چيو ته توهان وٽ ۽ توهان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ مان گذريل ڏهن سالن کان ايندو رهيو آهيان. اڄ هڪ اهڙي پروگرام جو سرسو، يورپين يونين جي گڏيل سهڪار سان بنياد پئي وجهي، جنهن جي شفافيت ۽ توهان سڀني جي ذاتي دلچسپي سان هي پروگرام ايندڙ نسلن تائين پنهنجا اثرائتا اثر ڇڏيندو. جنهن سان توهانجي زندگين ۾ واضع ۽ چٽا فرق ظاهر ٿيندا. توهان جي معاشي حالت بهتر کان بهتر هوندي. اڄ اسين ان تي ڳالهائينداسين ته هي پروگرام اوهان لاءِ ڇا ڪري سگهي ٿو ۽ ڇا نٿو ڪري سگهي.



چيئرمين چيو تہ، اهڙوئي هڪ پروگرام سرسو حڪومت سنڌ سان ملي ڪري 2009ع ۾ ٻارنهن ضلعن ۾ شروع ڪيو هيو ۽ هاڻي سوچڻ جي ڳالهہ اِها آهي تہ سنڌ سرڪار وٽ اهڙا ڪوڙ سارا کاتا آهن تنهن هوندي بہ سنڌ جي سرڪار کي اِهو خيال ڇو ٿيو تہ سرسو جو بنياد وڌو وڃي.

هن مختصر مگر پروقار تقريب دؤران پنهنجي حوالي سان ٻڌائيندي شعيب سلطان خان چيو تہ هن وقت منهنجي عمر 85 سال آهي. جڏهن تہ زندگيءَ جا 63-62 سال مونکي عوامي خدمت ڪرڻ ۾ گذري چڪا آهن. جنهن دؤروان ڪراچي شهر ۾ ڪمشنر طور بہ خدمتون سرانجام ڏنيون اٿم.

جڏهن تہ پاڪستان جي شمالي علائقن سميت هندستان (انديا) جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ڪجھ عرصو ڪم ڪيو آهي ۽ هينئر پاڪستان جي چئني صوبن جي ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ غربت جي خاتمي تي ڪم ڪري رهيو آهيان.

هن پروگرام جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ غربت جو خاتمو ڪيئن ڪيو وڃي؟ سڀ کان اڳ اهو ڏسڻو آهي تہ غريبي (غربت) ڪٿي آهي، گهريلو سطح تي آهي يا علائقائي سطح تي. هن سوال ڪندي چيو تہ جيڪڏهن ڪو حڪومتي نمائندو اچي توهان کي چوي تہ اسين غربت ختم ڪنداسين تہ اِهو هرگز هرگز تيستائين ممڪن نہ هوندو جيستائين حڪومت گهر گهر تائين نٿي پهچي، تيستائين غربت ختم نہ ٿي سگهي. چيئرمين ٻڌايو تہ اهوئي هڪڙو واحد سبب بہ هو جو سرسو جو بنياد وڌو ويو ڇوتہ سنڌ حڪومت جو اهڙو ڪوبہ ادارو / محڪمو ناهي جيڪو گهر گهر وڃي غربت جو ماپو ڪري سگهي ۽ هِڪ هِڪ فرد سان ملي غربت جا سبب معلوم ڪري سگهي.

جناب چيئرمين وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ سرسو جو بنياد بہ پئجي ويو. سرسو جا جاکوڙي عملدار توهان تائين گهر گهر پهچي بہ ويا. هاڻي سوال اِهو ٿو پئدا ٿئي تہ هاڻي ڇا ڪجي جو غربت گهٽ ٿي سگهي، ڪهڙي طريقي سان ان جي پاڙ پٽي ڦٽي ڪئي وڃي؟

هن چيو تہ اڄ جي ميڙاڪي ۾ سرسو جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جو ميمبر فضل الله قريشي بہ موجود آهي. جيڪو پاڪستان جي خزاني جو وفاقي سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي. سندس کان پڻ پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا پڇي سگهجن ٿا. هن چيو تہ دنيا اندر لڳ ڀڳ 200-150 سالن کان مختلف ۽ طرح طرح جا تجربا ٿي رهيا آهن تہ آخر غربت جو خاتمو ڪيئن ڪجي؟



اڄ اسان توهان وٽ جيڪو پروگرام کڻي آيا آهيون، بلڪل اهڙو ئي پروگرام اهڙن ئي اصولن ۽ طريقيڪار تحت هلندي جرمني، آسٽريليا، ملائيشيا ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن غربت جو خاتم ممڪن بڻائي ڏيکاريو. 10 لکن جي آباديءَ واري چترال ۾ ڪم ڪري اسان ھتان جي تعليم جي شرح کي واضع طور تي وڌايو.

هن چيو ته (سڪسيس) پروگرام اهڙي طرز جو بلڪل ڪونهي جنهن ۾ اسان توهان جي خواهش ۽ فرمائشن مطابق ڪم ڪري سگهون. اسان توهان جا وڪيل ته ٿي سگهون ٿا پر حڪومت نه ٿا ٿي سگهون. هن پروگرام ۾ اسين ڀاڱي ڀائيوار آهيون، شراڪتدار آهيون ۽ اسان سيني ڌرين کي پنهنجا پنهنجا ڪم پورا ڪرڻا پوندا. جيڪڏهن خدانه خواسته ائين نه ڪيوسين ته هن پروگرام جي حوالي سان اسان کي گهربل نتيجا بنهه ڪونه ملي سگهندا.

شعيب سلطان خان چيو ته هن ڀاڱي ڀائيواري ۾ سڀ کان اڳ توهان کي ڪم ڪرڻو آهي. الله پاڪ جڏهن مخلوق پيدا ڪئي ته ان ۾ صلاحيت ٻه پيدا ڪئي ته جيئن هو پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪري سهڻي زندگي گذاري سگهن.

سرسو توهان کي توهانجن ئي صلاحيتن کان آگاهه ڪيو، ۽ انهن کي صلاحيتن کي نکاري ان ۾ اعتماد وڌو آهي ڇوته اسان سمجهون ٿا ته هِتي جيڪي به اسان گڏ ٿيا آهيون. سيني ۾ ڪا نه ڪا خاص صلاحيت ضرور موجود آهي. توهان پاڻ هڪ هڪ ٿي ڪري ٻڌايو ته توهان ۾ ڪهڙيون خوبيون ۽ صلاحيتون آهن. چيئرمين ڪانئن پڇيو ته زندگي ته هتي توهان گذاري رهيا آهيو. ٻيو سوال اِهو آهي ته هن زندگي کي بهتر بنائڻ جي لاءِ توهان پنهنجي صلاحيتن جي نشاندهي ڪري ڪيئن زندگي کي وڌيڪ پُرآسائش ۽ بهتر بڻائي سگهو ٿا؟.

هن چيو ته جڏهن توهان پنهنجين صلاحيتن جي نشاندهي نٿا ڪري سگهو ۽ توهان ۾ همٿ ۽ جذبو ناهي ته سرسو اوهانجي لاءِ ڪجهه به نه ٿي ڪري سگهي. منهنجي هزارين غريب ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي آهي. جن کي مختلف طريقن ۽ لفظن سان ٻڌائڻو پوندو آهي ته هو پنهنجي حالت تبديل ڪرڻ لاءِ ڇاڇا ڪري سگهن.

چيئرمين ڳوٺاڻن کي ٻڌيو ته 10 لکن جي آباديءَ تي مشتمل گلگت واري علائقي ۾ جڏهن مان ڪم ڪيو ته سڀ کان پهريان مان هڪ لسٽ ٺاهي جنهن ۾ مون 42 مختلف ڪمن جي نشاندهي ڪئي جن تي ھو ڪم ڪري سگهن ٿا، جنهن سان انهن جي آمدني ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو.



هِن ميڙاڪي ۾ موجود ڪميونٽي کي صلاح ڏيندي چيو ته توهان کي سرسو وارن سان ويهي سڀ کان اڳ اِهو ڪم ڪرڻو پوندو. هرهڪ گهر ۾ وڃي اِها نشاندهي ڪرڻي پوندي ته توهان ڇا ڪري سگهو ٿا ۽اوهان جي ترقيءَ ۾ ڪهڙيون رڪاوٽون آهن. تنهن کان پوءِ ٿيندو اهوئي جيڪو توهان ڪرڻ چاهيو ٿا.

جيڪڏهن توهان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيو ته انجو مطلب توهان همت سان سرشار آهيو ۽ صلاحيتن سان مالامال آهيو. هن چيو ته هتي 4000 هزار گهراڻ ۾ 60% سيڪڙو ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ آهن. جڏهن ته 20 هزارن تي 3 ماڻهو اوهان سان سرسو جا شامل آهن.

چيئرمين وڌيڪ چيو ته توهان تي اِهو پڻ فرض عائد ٿئي ٿو ته توهان کي منظم ٿيڻو پوندو. جنهن ڪانپوءِ 15 کان 25 گهرن کي گڏ ٿي ڪري تنظيم ٺاهڻي پوندي. گهر ايترا هجن جيڪي پاڻ ۾ مِلي جُلي رهندا هجن. تنهن ڪانپوءِ توهان جون تنظيمون نهي ويندیون ۽ سرسو وارن کي پڻ آساني ٿيندي ته توهان سان مِلي ڪري گهريلو سطح تي ڪم ڪري سگهندا. جنهن دؤران ايندڙ رڪاوٽن کي نظر ۾ رکندي مسئلن جا حل ڪيا ويندا.

تنظيم ٺهڻ ڪانپوءِ اهڙي تنظيم ڪي هلائڻ لاءِ توهان ڪي ئي توهانجو رهبر ڳولهڻو پوندو جنهن ڪي ”صدر“ چونڊيو ويندو. جنهن ۾لازمي طور ايمانداري، سچائيءَ جهڙيون خوبيون هجن ۽ اهو فيصلو توهانجي پنهنجي تنظيم ڪندي تہ توهان مان ڪير سيني کان وڌيڪ ايماندار، جاکوڙي ۽ سچو آهي. هر گهر پنهنجي صلاحيتن جي آڌار تي پنهنجو آمدني ڪي وڌائيندي ۽ گهريلو سطح تي منصوبو جوڙيندو.

ٽيون اصول ٻڌائيندي چيئرمين چيو تہ توهان کي پنهنجو پئسو آهستي آهستي بچائڻو پوندو. مطلب توهان کي بچت ڪرڻي پوندي. پنهنجي گهر ۾ پنهنجا پئسا جمع ڪرڻا پوندا ۽ اِها بچت تنظيم جي لاءِ ضروري هوندي آهي. ۽ اها بچت هرگهر جي پنهنجي بچت هوندي ڇوتہ پئسي کي پئسو ڇڪيندو آهي ۽ ترقي يافتہ قومن ائين ئي ڪيو آهي. تنظيم ٺهي وڃڻ ۽ صدر چونڊجي وڃڻ ڪانپوءِ توهان کي تربيت وٺڻ جي ضرورت پوندي. ۽ اها تربيت سرسو توهان کي فراهم ڪندي، جنهن ۾ اوهان جو رازپو ۽ دلچسپي بنيادي شيءِ آهي.

اِهي ٽئي اهي رهنما اصول آهن جيڪي پاڳي پائيواري تحت لازمي جز آهن. درپيش رڪاوٽن جي حل لاءِ سرسو هروقت توهانجي رهنمائي ۽ مدد لاءِ حاضر هوندو.






فضل الله قريشي ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو تہ اسان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) وارا تہ ناهيون. اسان ”سرسو“ پنهنجي مدد پاڻ تحت وارا آهيون. اڄ هتي اچڻ جو مقصد بہ اهو ئي آهي تہ جيئن اوهانجيڀرپور مدد ۽ سهڪار ڪيون. هن زور ڀريندي چيو تہ توهان پنهنجي تنظيم ٺاهيو ۽ غربت جي مسئلن تي ڳالهايو ۽ پنهنجن صلاحيتن ڪي سڃاڻو ۽ پنهنجون صلاحيتون وڌايو تہ جيئن شان سان هن معاشري ۾ جيئڻ جي لائق ٿي سگهو.





# هڪ روزه ڪميونٽي ڪانفرنس (ڳوٺاڻي گڏجاڻي)

**خادم حسين شر**
ڊسٽرڪٽ مئنيجر - سرسو خيرپور

سرسو هميشه پنهنجي شاندار روايت کي برقرار رکندي بنا ڪنهن فرق جي انساني ترقيءَ جي منزل ڏانهن وڌندي رهي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سرسو خيرپور جي ٽيم جي سهڪار سان LSO ”شادي شهيد“ جي ڪميونٽي پاران خميس 24 مارچ 2016ع تي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي.

هن ڳوٺاڻي گڏجاڻي جي مهمان خاص سرسو جي اڳوڻي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر (هاڻوڪي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجيجنٽ ڊائريڪٽر) ميڊم ناهيد شاهه دراني هئي. جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر خيرپور جناب فياض احمد جتوئي، سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، نياز احمد هنگورو، مئنيجر آءِ.ايم.ايس.ڊي زبير سومرو، غلام رسول سميجو، جمال مصطفيٰ شورو، سينيئر مئنيجر ايڇ.آر مس لبنيٰ توڪل، شاهزيب حسين مهر، ميڊم رخسانه رياض علي، سرسو هيڊ آفيس ۽ ضلعن مان مختلف مئنيجرس پڻ شرڪت ڪئي. هن ڪوٺايل گڏجاڻي ۾ ضلعي خيرپور جي مختلف ڳوٺن، يونين ڪائونسل جي منظم عورتن کان علاوه ضلعي سکر ۽ گهوٽڪي جي مقامي سهڪاري تنظيمن ۾ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي جي شروعات تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ڪئي وئي. جڏهن ته ميزباني جا فرائض ڊسٽرڪٽ مئنيجر خادم حسين شر ڏئي رهيو هو. تنهن بعد LSO جي صدر راحبه خاتون آيل سيني مهمانن COs / VOs ۽ LSOs جي عورتن کي پليڪار ڪيو ۽ مهمانن کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا.




تنهن بعد ريجنل مئنيجر نياز احمد هنگورو سيني آيل مهمانن کي خيرپور ضلعي ۾ سرسو جي ڪم ڪار ۽ LSO سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي طريقيڪار ۽ ان جي نتيجن بابت مڪمل آگاهي ڏني.

ڳوٺاڻين تنظيمن سان واسطو رکندڙ عورت ميمبرن پنهنجي، پنهنجي ڳوٺن ۾ ڪيل ڪارڪردگي ۽ ڪمن بابت پنهنجا ويچار ونديا. ميڙاڪي ۾ آيل مهمانن LSO جي ميمبرن کان مختلف سوال پڇيا. ۽ LSO جي ٺهڻ ۽ عورتن جي منظم ٿيڻ ڪانپوءِ سندن جي زندگي تي هاڪري اثر پوڻ بابت مختلف تنظيمن جي ميمبرن طرفان ڪيس اسٽڊيز پڻ ٻڌايون ويون.

سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ اسان چوندا هئاسين تہ LSO جون عورتون صرف شڪارپور ۽ ڪشمور ضلعن ۾ ڪم ڪن ٿيون ۽ منظم آهن. پر اڄ هتي اچي LSO جو ايڏو وڏو پروگرام ۽ ڪم ڪار ڏسي يقين ڪريو تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. اسان کي اميد آهي تہ هي سڀئي عورتون ان جذبي ۽ ولولي سان ڪم ڪنديون رهنديون تہ سرسو جو سنڌ جي ڏهن ضلعن ۾ غربت گهٽائڻ وارو خواب هڪ ڏينهن ضرور پورو ٿيندو. LSO جي ميمبرن سان مخاطب ٿيندي محمد ڏتل ڪلهوڙو چيو تہ جيڪڏهن توهان پنهنجين تنظيمن کي پنهنجائپ ۽ اوليت جي بنياد تي وقت ڏينديون ۽ گڏوگڏ مختلف ادارن سان ملي ڪري ڪم ڪنديون تہ توهان وڏي سطح تي اچي ڪاميابيون حاصل ڪري سگهو ٿيون.

سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر وڌيڪ چيو تہ پنهنجين ننڍيل تنظيمن کي وڏ ڪان وڏ فعال بنائڻ سان گڏ سرسو ۽ ٻين ادارن کان مليل ڪم ۽ سرگرمين کي ڪامياب بڻايو ۽ LSO ۾ مليل CIF کي يو.سي جي سڀني غريب عورتن تائين پهچايو تہ جيئن هر غريب عورت ان مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪري سگهي.

ڊپٽي ڪمشنر خيرپور جناب فياض احمد جتوئي خطاب ڪندي چيو تہ آءٌ بطور ڊپٽي ڪمشنر اڄ پهريون ڀيرو سرسو طرفان منظم ڪيل LSO جي عورتن جي ميڙ سان بلڪ عورتن جي هيڏي وڏي ميڙاڪي سان مخاطب آهيان، اهو منهنجي ضلعي لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي تہ سرسو هيتريون عورتون منظم ڪيون آهن جيڪي پنهنجا ادارا هلائي رهيون آهن. هاڻ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي. توهان جيڪي ڪهاڻيون ٻڌايون، جيڪي ايل.ايس.او ڪم ڪيا آهن پنهنجي ڳوٺ لاءِ يونين ڪائونسل لاءِ سچ پچ تہ وڏي ڳالهہ آهي. سرسو جو اهو تمام وڏو ڪم آهي ۽ تعريف لائق آهي جو واضع طور محنت نظر اچي رهي آهي. اميد تہ سرسو هن ضلعي ۾ اڃان بہ وڌيڪ ڪم ڪندي، جتي جتي سرسو ۽ ايل.ايس.او کي اسان جي ضرورت پئي تہ اسين هروقت حاضر آهيون، ڇوتہ اسان جو بہ اهوئي مقصد آهي تہ علائقي ۾ امن هجي، ڀائيچارو هجي، ترقي ٿئي ۽ ماڻهو خوشحال هجن.

مهمانِ خاص: ميڊم ناهيد شاهہ دراني LSO جي عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو تہ ”جڏهن مان سرسو جي چيف آفيسر ھيس تہ ڏاڍي پريشان ھيس سوچيندي هيس تہ هتان جي عورتن کي ڪڏھن اهو حق ملندو تہ اهي هنن ڪيل ڳالهين کي سچ ۾ ثابت ڪنديون. پر جڏهن سرسو جي پليٽ فارم تان اوهان تائين پهتس تہ نهايت خوشي ٿي ۽ ڏٺم تہ هتان جون عورتون جنهن جذبي اعتماد ۽ ولولي سان منظم ٿي، ترقي جي ميدان ۾ نڪتيون آهن، تہ اهو ڏينهن پري ناهي جو هتان جي عورت هڪ خود اعتماد، پرجوش ۽ پنهنجي پيرن تي بيٺل هوندي ۽ ان جا ننڍڙا ٻار بجاءِ مزدوري جي تعليم پرائيندا.

LSOs جي ميمبرن پاران ٻڌايل اسٽوريز (ڪهاڻين) بابت انهن کان سوال پڻ پڇيا، ۽ ملندڙ جوابن کي غور سان ٻڌو ۽ ڪين وڌيڪ سمجهايو. گڏوگڏ LSO جي عورتن کي تنبيهہ ڪندي چيو تہ توهان جيڪو ڪم ڪريو ٿيون اهو سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان ڪريو ۽ ان کي بيان بہ ايمانداري سان ڪريو.

ميڊم ناهيد شاهہ ميڙاڪي ۾ موجود عورتن کي CIF مطابق ٻڌائيندي چيو تہ آءٌ مڃان ٿي تہ هن وقت CIF جي ڏنل رقم اوهان جي لاءِ ٿوري آهي. پر اوهان ان کي ضايع ٿيڻ نہ ڏيو ۽ پنهنجي LSO جي پليٽ فارم تان رقم وڌائڻ جي ڪهر ڪندا رهو. ساڳئي طرح سان آءٌ خود بہ اوهان جي لاءِ مٿئين سطح جي گڏجاڻين ۾ اوهان جي حقن بابت ڳالهہ ضرور ڪنديس.

تنهن بعد ميڊم ناهيد شاهہ ۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور LSO شادي شهيد جي VO ارباب ڪٽوهر جي **13** غريب ميمبر عورتن کي CIF جا چيڪ پڻ ڏنا. بعد ۾ هر سال جيان ميڊم ناهيد شاهہ پنهنجي طرفان ڳوٺ جمعو منگريو ۾ **10** غريب ۽ بيواه عورتن کي اعليٰ نسل جون ڍڳيون پڻ ڏنيون.

آخر ۾ ميڊم سرسو اسٽاف جو شڪريو ادا ڪندي چيو تہ مان نهايت ئي شڪرگذار آهيان سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙوي، نياز هنگوري جي، جن سدائين مون سان تعاون ڪيو آهي ۽ آءٌ سرسو جي ڪم مان مطئمين ۽ پر اعتماد آهيان.

**

# ڪراچي جي "اوشين مال" ۾ ثقافتي رنگ نکري پيا

بخت علي ابڙو

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن "سرسو" پاران سنڌ جي راڄڌاني شهر ڪراچي جي هڪ وڏي مارڪيٽ ۾ سنڌ جي ٻهراڙين سان تعلق رکندڙ غريب عورتن جي هٿن سان ٺاهيل "هٿ جي هنرن" جي نمائش کي ترتيب ڏنو ويو. هن "سرتيون سنگ ڪرافٽس فيسٽيول" ۾ سرسو پاران ڳوٺاڻي هنرن کي هٿي ونرائڻ لاءِ وڏي پئماني تي ڪراچي شهر جي عام توڙي ڪاروباري ماڻهن کي پڻ سڏيو ڪيو ويو.

ٽِه روزه نمائشي پروگرام 3rd Sartyoon Sang Crafts Festival جي نالي سان **5** فيبروري کان **7** فيبروري **2016**ع تائين ڪراچي ڪلفٽن جي "اوشين مال" ۾ منعقد ڪيو ويو ويو.

سرسو پاران هڪ اڳيري وک وڌائي وئي جنهن جو اهم مقصد پنتي پيل علائقن ۾ رهندڙ غريب عورتن جي هٿ جي هنر کي ميجتا سان گڏوگڏ ملڪي صعنت ڪاريءَ جي فهرست ۾ شامل ڪرڻ آهي. اڻ پڙهيل يا گهٽ پڙهيل عورتن لاءِ ڪاروباري تعليم ۽ تجرباتي بنيادن تي ٻڌيل هن ڪاوش سان هڪ واضع ۽ بهترين فائدي وارو موقعو فراهم ڪيو ويو.

هن هنري نمائش ۾ سنڌ سطح تي ثقافتي ورثي جي اهڃاڻ ڪاريگر عورتن پنهنجي هٿن سان ٺاهيل هنري نمونا نہ صرف نمائش هيٺ رکيا پر انهن کي سٺي ملهہ ۾ وڪرو پڻ ڪيائون.

جيئن تہ سرسو پاران ڪراچي ۾ هي ٽيون "سرتيون سنگ ڪرافٽ فيسٽيول" منعقد ڪيو ويو. جڏهن تہ ان کان اڳ بہ اهڙا بہ فيسٽيول ڪراچي ۾ ۽ هڪ حيدرآباد جي سنڌ ميوزيم ۾ منعقد ڪيا ويا آهن. اوشين مال کي جيئن تہ ڪراچي جي وڏين ڪاروباري مارڪيٽن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي جتي ماڻهن جي آمدورفت تمام گهڻي رهي ٿي. جيئن ئي ڪرافٽ فيسٽيول لڳندو آهي تہ ماڻهو تمام وڏي تعداد ۾ هٿ سان ٺاهيل هنري سامان ۽ نمونا نہ صرف خريد ڪندا آهن بلڪہ انهن کي تمام گهڻو ساراهيو پڻ ويجي ٿو، جيڪا سرسو لاءِ فخر جي ڳالهہ بہ آهي ۽ حوصلاافزائي جو سبب پڻ. اتر سنڌ سان واڳيل عورتن جي هٿ جي هنر ۽ ڪاريگري جي نمائش لاءِ ٽن ڏينهن جي فيسٽيول ۾ رليون، موڙا، گج، بيڊشيٽون، ڪپڙا، اجرڪ سان تيار ٿيل مختلف هنري نمونا، رواِ قميصون، ڪشن ڪور، بيگ ۽ ٻيو انيڪ شيون وڪري لاءِ سجايون ويون جتي شهرين بي انتها نہ صرف دلچسپي ورتي بلڪہ سرسو اسٽاف کي سفارش ڪئي تہ اهڙي هٿ جي هنري نمائش جو هر ڇهن مهينن ۾ انعقاد ڪيو وڃي يا وري ٽن ڏينهن کي وڌائي ستن ڏينهن جو ڪيو وڃي.

سرتيون سنگ ڪرافٽس فيسٽيول جو افتتاح ميمبر قومي اسيمبلي ڊاڪٽر نفيسہ شاهہ هٿان ٿيو. انهيءَ موقعي تي سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ميڊم ناهيد شاهہ دراني، ميڊم شيرين ناريجو، غلام مصطفيٰ ابڙو ۽ ٻيا معزز پڻ موجود هئا. افتتاح بعد ڊاڪٽر نفيسہ شاهہ اسٽالز جي وزٽ ڪئي، هنري نمونن جو جائزو ورتو ۽ هنرمند عورتن سان ملاقات پڻ ڪئي. انهيءَ موقعي تي ڊاڪٽر نفيسہ شاهہ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اها انتهائي خوشي جهڙي ڳالهہ آهي جو اسانجي ٻهراڙين ۾ رهندڙ عورتن جي ڪاريگري جا نمونا سنڌ جي شهري علائقن تائين آڻي



روشناس ڪرائڻ ۽ وڪرو ڪري کين جهجهي رقم مهيا ڪئي پئي وڃي. ڊاڪٽر نفيسہ شاهہ چيو تہ صحت هجي يا تعليم سرسو هر شعبي ۾ پاڻ مڃايو آهي. سندس چوڻ هيو تہ گذريل ٻن ٽن سالن کان سرسو پنهنجي ڪامياب حڪمت عملي تحت

انهن غريب عورتن کي اقتصادي طور تي اڳيرو ڪرڻ لاءِ اهڙين نمائشن ذريعي هٿ جي هنرن کي پاڪستان جي وڏين وڏين مارڪيٽن تائين پهچائڻ لاءِ عملي طور تي ميدان ۾ باضابطہ طور نظر پيو اچي. سندس چوڻ هو تہ اجان بہ بهتر ٿيندو تہ هٿ جي هنرن جا نمونا وڌائي ڪري پيش ڪيا وڃن ۽ ڪوشش ڪجي تہ هنن کي بين الاقوامي سطح تي متعارف ڪرائجي تہ جيئن سنڌ جي هن هنر کي وڌيڪ پذيرائي ملي ۽ هي غريب عورتون خوشحال ٿي سگهن.



ٽن ڏينهن جي هن "سرتيون سنگ ڪرافٽس فيسٽيول" کي دنيا آڏو پيش ڪرڻ لاءِ پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جا نمائندا ڏينهن رات مصروف رهيا. جنهن ۾ قومي اخبار سميت، ARY T.V، سما ٽي.وي. جاڳ، ٽي.وي ڪي.ٽي.اين، سنڌ ٽي.وي. آواز ٽي.وي، مهراڻ ٽيليويزن ۽ ٻيا شامل هيا. ميڊيا جي نمائندن سرسو جي مئنيجمينٽ جا تاثرات پڻ ورتا ۽ فيسٽيول ۾ آيل مردن، عورتن ۽ هٿ جي هنر جي ڪاريگر عورتن کان پڻ مختلف سوال ڪري پنهنجي پنهنجي ميڊيا اداري پاران براڊڪاسٽ ڪيا. جنهن کي ڏسي ڪري ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ رهندڙ ماڻهو هن فيسٽيول ۾ اچي پهتا. ۽ پوري سنڌ جون ناميارون سياسي، سماجي ۽ سرڪاري شخصيتون بہ اچي سرسو پاران لڳايل ان نمائش ۾ گهري دلچسپي وري ۽ پنهنجا قيمتي رايا پڻ ڏنا جن ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جو ايم.پي.اي شهريار خان مهر، ايم.پي.اي نصرت سحر عباسي، چيئرپرسن سنڌ بورڊ آف انويسٽمينٽ ناهيد ميمڻ، ڪمشنر سکر ڊويزن محمد عباس بلوچ، سکر شهر جي متوقعہ ميئر بئريسٽر ارسلان شيخ، وائيس چيئرپرسن پنوعاقل چانوٽي علي بخش خان مهر، عورت اڳواڻ پروفيسر عرفانہ ملاح، ليڪ پروفيسر امر سنڌو، سرسو جو اڳوٽو چيف ايگزيڪٽو آفيسر ڊاڪٽر سونو ڪنگهراڻي، ڊاڪٽر اعجاز خواجہ، ڊاڪٽر منظورُ لڙ ۽ ٻيا ڪيترائي معززين شامل هئا. ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندي سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو ٻڌايو تہ سرسو ڪميونٽي سطح تي ڪم جو آغاز ڪري ٻهراڙي جي عورتن کي ايترو تہ قابل بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي جو عورتون اڄ پنهنجا ڳوٺ ۽ گهر ياتي ڇڏي اهڙي فيسٽيول ۾ پنهنجي هٿ سان ٺاهيل شين جو خود وڪرو ڪري ناڻو ڪمائي رهيون آهن.



ايم.پي.اي شهريار خان مهر جو چوڻ هوتہ هِتي اچي جيڪا خوشي محسوس ٿي آهي سان بيان ڪرڻ سولي ڪونہ آهي.. مونکي حيرت آهي تہ سرسو معاشي حوالي سان تہ اسان جي علائقن ۾ رهيل عورتن ۾ ڪردار ادا ڪندي پئي اچي. پر انهن عورتن ۾ ايترو اعتماد - سرسو جڳ لهڻي. سندس وڌيڪ چوڻ هو تہ اهڙي قسم جا فيسٽيول وقت جي ضرورت آهن جن سان نہ رڳو ڪاريگرن جي حوصلاافزائي ٿئي ٿي پر سنڌ جا ثقافتي رنگ بہ نروار پيا ٿين.




ڪمشنر سکر ڊويزن محمد عباس بلوچ فيسٽيول ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ هٿ جو هنر نندي ڪنڊ ۾ تهذيب، ثقافت ۽ تاريخ جو لازوال اهڃاڻ رهيو آهي. اهڙي اهڃاڻ کي زندهہ رکڻ ۾ هي نمائش ٻڌائي رهي آهي تہ سرسو جو نالو پڻ قابل ذڪر آهي. انهن عورت ڪاريگرن جي صلاحيت کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت سرسو سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي رهي آهي.



ايم.پي.اي نصرت سحر عباسي جو چوڻ هوتہ اِها پڻ قابل ذڪر ڳالھ آهي جو هن ثقافتي هنري نمائش ۾ ُلڙ سنڌ جي ُپَنتي پيل واهڻ وستين ۽ ڳوٺن کان 99 سيڪڙو عورت هنرمند / ڪاريگرن جي هٿ جون ٺاهيل شيون رکيون ويون آهن. جڏهن تہ سرڪاري ۽ ٻين ادارن پاران اهڙا ثقافتي ميلا لڳائڻ جو رجحان عام آهي. هن پنهنجي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪندي هنرمند غريب عورتن جي اڻ ٿڪ محنتن کي تمام گهڻو ساراهيو ۽ انهن جي حوصلاافزائي پڻ ڪئي.

سرسو جي سهڪار سان هنن هنرمند عورتن کي روزگار ڪرڻ لاءِ هڪ مضبوط ۽ سگهارو پليٽ فارم فراهم ڪيو ويو آهي. هن نمائش جي دلچسپ ڳالھ اها بہ هئي تہ عام هنري نمائشي ميلن جيان فقط ڪاروبارين کي اسٽال نہ ڏنا ويا بلڪہ پاڻ هٿرادو هنري نمونا ٺاهيندڙ ڳوٺاڻين عورتن کي الڳ الڳ اسٽال ڏنا ويا تہ جيئن هو پاڻ پنهنجو هنري ڪم سڌي اگهہ ۾ وڪرو بہ ڪن ۽ ڪين انهن ۾ وڪرو ڪرڻ جي صلاحيت ۽ سندن اعتماد ۾ اڃان بہ وڌيڪ اضافو ٿي سگهي.

هونءَ بہ اهڙي هنر کي اڳتي ترقي ڏيارڻ جو هڪ مقصد اهو بہ آهي تہ انهن عورتن کي مردن وانگر اقتصادي طور تي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ آهي. انچارج انٽرپرائيز ۽ سينيئر مئنيجر جينڊر ميڊم رخسانہ رياض ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ سرسو ٿورڙي ئي عرصي ۾ 10 هزار کان وڌيڪ عورتن جي هٿ واري هنر کي سنواريو، سينگاريو ۽ نکاريو آهي. هنن جي هٿن جون ٺاهيل منفرد ۽ بهترين شاهڪار شيون وڏي مقدار ۾ هٿي وڪرو ٿي رهيون آهن.

ٽي روزه هن نمائش ۾ تيار ڪيل شين جا رنگين ڪارڊ پڻ ٽيبل تي رکيا ويا. جنهن ۾ ٺاهيل شين جو نالو تيار ڪندڙ عورت ڪاريگر جو نالو سندس ڳوٺ جو مڪمل پتو، رابطي جو نمبر ۽ لاڳت ڪيل محنت جي تاريخ پڻ لکيل هئي.

شرڪت ڪندڙن هنن هنرمند ڪاريگر عورتن جا ڪارڊ پاڻ گهري ڪري ورتا بلڪہ سرسو پاران قائم هن ثقافتي نمائش ۾ "فيڊ بيڪ ڊيسڪ" تي وڃي پنهنجا تاثر، رايا، تجربا ۽ صلاحيون پڻ ڏنيون.

هن ٽي روزه "سرتيون سنگ ڪرافٽس فيسٽيول" ۾ جيڪو "KT.N", "OCEAN MALL", hotfm **105**", "JS BANK", "SINDH BANK", JUBILEE INSURANCE", TELENOR EASY PAISA" ,"Sindh Enterprise Development Fund" جي اشتراڪ سان نہ صرف هنرمند عورتن جي هنر کي مڃتا ملي، گڏوگڏ سندن بهتر ڪاروباري رابطن ۾ پڻ هڪ مضبوط رابطو قائم ٿيو ۽ سندن شين جو وڪرو پڻ گهڻو ٿيو. جنهن سان هنرمند عورتن جي حوصلاافزائي ٿيڻ سان گڏ جهجهي آمندي پڻ ٿي. هن ثقافتي نمائش ۾ لوڪ گيتن، سهرن، لاڏن چارچنڊ لڳائي ڇڏيا جن ۾ سنڌي راڳين فن جا مظاهرو ڪري ايندڙن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ڪين لطف اندوز ڪندا رهيا. هزارن جي تعداد ۾ ڏسندڙن ۽ خريدارن ان ڳالھ تي پڻ زور ڀريو تہ سرسو کي اوشين مال ۾ مستقل بنيادن تي هن جي هنر جو دوڪان کولڻ گهرجي تہ جيئن عورت ڪاريگرن جي آمدني ٿيڻ سان گڏ سنڌي ثقافتي شيون آساني سان ملي بہ سگهن ۽ Promote بہ ٿي سگهن. صرف ڪراچي ئي نہ پر، اهڙي قسم جا نمائشي پروگرام اسلام آباد، لاهور سميت ٻين وڏن شهرن ۾ بہ منعقد ٿيڻ گهرجن تہ جيئن سنڌ جي سُونهن جهڙين سوکڙين کي اڃان بہ وڌيڪ پذيرائي ملي.










# خيرپور ۾ ڪجهه اپائيندڙ علائقن ۾ ٻارن جي حقن بابت هلندڙ (CRCFA) پروجيڪٽ




**خادم حسين شر**
ڊسٽرڪٽ مئنيجر - سرسو خيرپور

يونيسيف ٻارن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ دنيا جو عالمي ادارو آهي. UNICEF ۽ IKEA فائونڊيشن جي مالي تعاون سان SRSO ۽ RSPN جي ذريعي ضلعي گهوٽڪي ۾ پهرين فيز جي ڪاميابيءَ کانپوءِ ٻيو فيز گهوٽڪي سان گڏ ضلعي خيرپور ۾ ڪجهه اپائيندڙ چئن يونين ڪائونسلن ”ٽندومستي خان، ٻبرلوءِ، شادي شهيد ۽ خانپور“ ۾ هي پروجيڪٽ شروع ڪيو ويو آهي. هي پراجيڪٽ خيرپور ۾ سيپٽمبر 2015 کان شروع ٿيو آهي ۽ سيپٽمبر **2016** تائين جاري رهندو، جنهن جو مقصد ٻارڙن جي مکيه چئن **(4)** حقن کي هٿي وٺرائڻ آهي، جنهن ۾ جياپي جو حق، شراڪت جو حق، تحفظ جو حق ۽ ترقي جو حق شامل آهي. ذڪر ڪيل يونين ڪائونسلن ۾ **120** ڳوٺ شامل ڪيا ويا آهن. پراجيڪٽ جي پاليسي تحت انهن ڳوٺن ۾ ٻارن جي حقن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ عورتن جو منظم هجڻ سان گڏوگڏ ايل.ايس.او ۽ وي.او ۾ شامل هجڻ ضروري آهي. ان کانپوءِ سرسو انهن ايل.ايس.او ۽ وي.او جي مدد سان **120** ڳوٺن ۾ MFCC گهڻ رخي سرگرمين وارا مرڪز قائم ڪيا آهن، جنهن ۾ اتان جي ڳوٺ جون عورتون ۽ ٻارڙا پنهنجون پنهنجون سرگرميون جنهن ۾ گڏجاڻيون، تعليم، پرت جو ڪم، سماجي رسم و رواج مطابق پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهن ٿا، قائم ٿيل مرڪز ڳوٺاڻن طرفان مفت مختص ڪيل آهن ۽ ڪوبه ان جي ذاتي ملڪيت هجڻ جي دعويٰ نه ڪندو.

پراجيڪٽ جي سرگرمين هيٺ ڳوٺ ۾ ٻارن جو اسڪول نه وڃڻ جي حوالي سان يونين ڪائونسلن جي **407** انهن عورتن کي جيڪي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا ڪارڊ رکندڙ هجن ۽ غربت جي لڪير هيٺ اچن ٿيون ۽.انهن جا ٻار آمدني نه هجڻ ڪري اسڪول نه ٿا وڃي سگهن ته انهن کي -/5,600,000 جي رقم آمدني وڌائڻ جي گرانٽ طور ڏني وئي آهي. جنهن تحت اهي عورتون پنهنجا مختلف ڪاروبار ڪنديون ۽ پنهنجي ٻارن کي اسڪول موڪلڻ جون ذميوار هونديون.

CRFA پروجيڪٽ تحت ٻارڙن جي حقن کي نظر ۾ رکندي، انهن جي صفائي سترائي، صحت، تعليم ۽ راند روند واسطي يونين ڪائونسل جي **40** ڳوٺن ۾ ضرورت جي بنياد تي ٻارن سان لاڳاپيل اسڪيمون جن ۾ **34** کيڏڻ جا ميدان، ٻه لائبريريون ۽ چار ڪمپيوٽر ليب قائم ڪيا ويا آهن، ته جيئن مستقبل جا معمار جديد تعليم حاصل ڪري سگهن. ۽ گڏوگڏ راند روند جي حقن کان محروم نه رهن. انهيءَ سموري ڪم جي ذميواري اتان جي ڳوٺاڻي تنظيمن ۽ ايل.ايس.او جي آهي ته اهي انهيءَ پروگرام کي ڪامياب ڪن ۽ ڳوٺن جي سيني ٻارن کي بهتر طريقي سان جديد تعليم سان گڏ راند جا موقعا پڻ فراهم ڪن.

هن پروجيڪٽ جي هڪ خاص ڳالهه اها به آهي ته هرهڪ ڳوٺ مان عورتن، مردن ۽ ٻارڙن نوجوان (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) جا چار چار گروپ جوڙيا ويا آهن. پروجيڪٽ مطابق سکيا ورتل **80** ڳوٺاڻا رضاڪار انهن گروپن سان قائم ڪيل مرڪزن تي يونيسيف پاران مهيا ڪيل ڪتابچي مطابق آگاهي جا سيشن وٺن ٿا. جنهن ۾ ٻارن جي حقن سان گڏوگڏ عورتن جي صحت بابت مڪمل رهنمائي ڪئي وڃي ٿي. پروجيڪٽ اندر عورتن ۽ ٻارن جي حقن کي واضع ڪرڻ لاءِ **50** خاڪا (Theaters) پيش ڪيا ويا آهن. جيڪي ڳوٺ ۾ ٻاراڻي زندگي جي هر پهلو مطابق مڪمل ڄاڻ ۽ آگاهي سان گڏوگڏ ٻارن جي حقن، عورتن جي بي ڏياني ۽ مردن جي غيرذميواري کي ظاهر ڪرڻ تي مشتمل آهن.

هن وقت ڳوٺاڻين عورتن ۽ ماڻهن ۾ مڪمل آگاهي ۽ معلومات ڏيڻ کانپوءِ منتخب يونين ڪائونسلن جي ڪافي بهتري نظر اچي رهي آهي ۽ نتيجي ۾ ڳوٺاڻا ٻارن کي اسڪول موڪلين ٿا، ٻارن جو ڄم سرٽيفڪيٽ ٺهرائين پيا، عورتن کي وقت سر ٽڪا لڳرائين پيا، عورتن جو ويم دوران خيال رکن پيا، ڇوڪرين جي ننڍي عمر ۾ شادي نه ڪرائڻ ۽ ٻارن کان سخت پورهيو نه ڪرائڻ جهڙن ڪمن تي ذميواري سان عمل پيرا پڻ آهن. هن وقت تائين مٿي ذڪر ڪيل يونين ڪائونسلن جي **40** ڳوٺن ۾ گهڻ رخي سرگرميون هلي رهيون آهن، جتي ٻارڙا کيڏن ٿا، پڙهائي ڪن ٿا. ڪمپيوٽر جي سکيا وٺي رهيا آهن ۽ لائبريرين ۾ ڪتابن جو مطالعو پڻ ٿي رهيو آهي.

پراجيڪٽ تحت **16** آگاهي جا سيشن 480 گروپن ۾ ڪيا ويا آهن. IGP مطابق فائدو وٺندڙ **407** گهراڻن آهن. جنهن جي SRSO ۽ RSPN پاران LSO سان گڏجاڻيون ۽ مختلف وقتن تي رهنمائي پڻ ڪئي وڃي ٿي. اسان کي اميد آهي ته هن پروجيڪٽ جا مستقبل ۾ سٺا نتيجا سامهون ايندا. ۽ ٻارڙن کي پنهنجا حق ملندا، عورتن کي پنهنجا حق ڏنا ويندا ۽ ٻارڙن کان جبري پورهيو نه ڪرايو ويندو ڪين تعليم ڏئي ڳوٺ، شهر ۽ ملڪ لاءِ هڪ ڪارائتو شهري بڻايو ويندو.

# هڪ خاموش انقلاب جي شروعات

عبداللطيف سومرو
ڊسٽرڪٽ مئنيجر شڪارپور

اسان جو معاشرو جيڪو اجتماعي سوچ کان انفرادي سوچ جي طرف وڃي رهيو آهي، ان تبديلي اسان جي سوچ، قدرن، رواج ۽ عملن تي پڻ گهرو اثر وڌو آهي.جنهن سان اسان جي معاشري ۾ بگاڙ اچڻ سان گڏوگڏ ذهين سوچن ۽ عملن پڻ جنم ورتو آهي. اهڙين سوچن کي نظر ۾ رکندي سماجي جاڳرتا جي ذريعي Collective efforts اجتماعي ڪوشش جي ڳالهه ڪرڻ جڻ ته اونده ۾ ڏيئي ٻارڻ جي مثل آهي.




سنڌ حڪومت جي مالي معاونت سان سرسو يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جو پروگرام شروع ڪيو، جنهن جو بنيادي مقصد غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ ماڻهن(خصوصاً عورتن) جي معيار زندگي کي بهتر بنائڻ ۽ انهن مان ويڳاڻپ ختم ڪرڻ آهي. جنهن ۾ سرسو ڪاميابي ماڻي آهي. انهيءَ پروگرام جي سلسلي جي هڪ ڪڙي اها به هئي ته مقامي سطح تي ڪجهه اهڙا مستقل ۽ جٽادار ادارا قائم ڪجن جن جي مدد سان عام ماڻهن جي ڀلائي ۽ ادارن تائين رسائي ممڪن ٿي سگهي جيڪي ادارا انهن ماڻهن جا پنهنجا هجن ۽ انهن کي هلائڻ جا اختيار به پاڻ وٽ هجن. انهي تسلسل کي جاري ۽ ساري رکندي سرسو سماجي جاڳرتا تحت يونين ڪائونسل سطح تي مقامي سهڪاري ادارن جي تشڪيل ڳوناٽي تنظيمن جي مدد سان ڏني جيڪي هن وقت پنهنجو بنياد پختو ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهن ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت ترقي جون راهون هموار ڪري رهيا آهن. ان سڄي عمل جي شروعات سان ماڻهن ۾ هڪ نئون اتساهه پيدا ٿي چڪو آهي.

سماجي جاڳرتا جي تسلسل کي اڳيرو ڪندي يونين ڪائونسل سطح جي تنظيمن کان پوءِ مقامي سهڪاري ادارن جا نيٽ ورڪ (Local Support Organization Network) جيڪي تعلقي سطح تي يونين ڪائونسل جي تنظيمن تشڪيل ڏنا آهن. جيڪي تعلقي سطح تي معاشرتي ترقي ۾ مشغول عمل آهن. ان سڄي ڪم ڪار ۾ عورتن جي شرڪت 100% فيصد آهي ته جيئن اسان جي معاشري ۾ عورتون پڻ هن ترقي جي عمل ۾ پنهنجو حصو وجهي ۽ وڌي سگهن.




مقامي سهڪاري ادارن جو نيٽ ورڪ "خوشحال" جي تشڪيل سيپٽمبر 29، 2012ع ۾ 10 يونين ڪائونسل جي سطح جي سهڪار سان تعلقي لکي ضلع شڪارپور ۾ ٿي. هي نيٽ ورڪ (Network) 1648 پاڙي سطح جي تنظيمن ۽ 369 ڳوناٽي تنظيمن سان گڏ 32854 گهرن جي نمائندگي ڪري ٿو. (LSO Khushal Network Lakhi) ٻن سالن جي مخصوص عرصي ۾ اجتماعي ڪوششن سان پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳوناٽي ترقي جا ڪم ڪار سرانجام ڏنا آهن، جنهن مان ڪجهه ذڪر هيٺ ڏجن ٿا.

- مقامي سهڪاري اداري آواز پنهنجي پاڙي ۽ ڳوناٽي سطح جي تنظيمن جي مدد سان ٻن برادرين ۾ سالن کان هلندڙ

جهيڙي کي ختم ڪرايو ۽ ڌرين کي کيرکنڊ ڪيو ويو. انهي جهيڙي ۾ ڪل 36 انساني جانيون ضايع ٿيون. هي تڪرار جيڪو هڪ قبيلائي تڪرار جي شڪل اختيار ڪري چڪو هو، جنهن جي شروعات 125 جريب زمين تان ٿي. تنظيم جي ڪوشش سان ڌرين کي هڪ هنڌ ويهاري اها تڪراري زمين 36 شهيد ٿيل خاندانن ۾ تقسيم ڪئي وئي. اها يونين ڪائونسل جيڪا هن جهيڙي جي ڪري (نوگو No-Go) علائقو بڻيل هو ان کيٰ امن جو گهوارو بڻايو ويو.

- مقامي سهڪاري ادارن نيٽ ورڪ جي پليٽ فارم تان 13 بند پيل پرائمري اسڪول کولرايا آهن. جڏهن ته 2 اسڪولن کي قبضي مان ڇڏرائي ٻهراڙي اسڪولن ۾ علم جي روشنيءَ کي عام ڪيو آهي. انهي سلسلي ۾ LSO Network جي عهديدارن ڪيترن ئي آفيسرن سان رابطا ۽ گڏجاڻيون پڻ ڪيون ته جيئن علم جي افاديت کي عام ڪري سگهجي.
- ڏورانهن علائقن ۾ جتي تعليم پرائڻ لاءِ ڪو گورنمينٽ اسڪول موجود نه هو. اتي LSO Network پنهنجي مدد پاڻ تحت اسڪول کوليا آهن
- مقامي سهڪاري ادارن ۽ نيٽ ورڪ LSO Network تعليم کي بهتر بڻائڻ لاءِ غيرسرڪاري ادارن سان رابطا ڪري انهن کان ڪم ورتا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ (هينڊز) اداري جي سهڪار سان تعلقي لکي ۾ 22 اسڪولن جي مرمت ۽ ٻارن جي حاضري کي يقيني بڻايو ويو آهي.




- مقامي سهڪاري ادارن پنهنجي مدد پاڻ تحت تعلقي لکي ۾ 5 آفيسون پڻ ٺهرايون آهن. هر آفيس تي تقريبا پنج لک روپيا خرچ آيو آهي ۽ هاڻ اها آفيس مقامي اداري جي ملڪيت آهي.
- مقامي سهڪاري ادارن يونين ڪائونسل جي ڳوٺن ۾ رهندڙ نوجوانن کي ملڪي سطح تي پنهنجي نمائندگي ۽ روزگار جي حاصلات لاءِ پاڪستان آرمي ۾ ڀرتي ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي.
- سنهري هٿن تي يقين رکندي مقامي سهڪاري ادارن سرسو جي سهڪار سان انهن هٿن کي پاڻ گڏ ڪيو ته جيئن انهن جي صلاحيت ۽ هنر کي جديد دنيا سان ڳنڍيو وڃي. انهيءَ کي نظر ۾ رکندي "Business Development Group" (BDG) جو قيام عمل ۾ آندو ويو. هن وقت تعلقي لکي ۾ 25 کان وڌيڪ BDGs ڪم ڪري رهيا آهن، جيڪي ملڪي ۽ غيرملڪي سطح تي پنهنجو پاڻ کي مڃرائي رهيون آهن ۽ هن وقت تائين هي لکن روپين جو ڪاروبار پڻ ڪري چڪيون آهن.
- ماءُ ۽ ٻار جي صحت متعلق هڪ صحتمند معاشري جو بنياد وجهي سگهجي ٿو. LSO جي بهترين ۽ مضبوط Network ذريعي 1577 عورتن جي نارمل ڊليوري (ويم) ۽ 203 عورتن جي آپريشن ذريعي ويم ڪرايا ويا آهن.
- مقامي سهڪاري ادارن هنر جي حاصلات لاءِ بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام تحت 4 ٽريننگ سينٽر کولرايا، جتان 175 نياڻيون هنر جي زيور سان مستفيد ٿيون.
- انساني ترقي سان گڏوگڏ LSO Network مشڪل وقت ۾ يونين ڪائونسل جي غريب ماڻهن سان سهڪار ڪندو رهيو آهي. پوءِ اها مشڪل گهڙي ٻوڏ ۽ سيلاب جي صورت ۾ چو نه هجي.
- مقامي سهڪاري اداري پنهنجي وسيلن مان 7 صنفي برابري جا ورڪشاپ لکي تعلقي ۾ منعقد ڪرايا ته جيئن عورتن جي حقن جي پرچار ڪري سگهجي. جنهن ۾ 781 کان وڌيڪ عورتن شرڪت ڪئي.
- تعلقي جي ڳوٺن ۾ بهتر صفائي سٿرائي جي عزم کي مضبوط ڪندي LSO Network سيو دي چلڊرين جي سهڪار سان تعلقي جي 27 ڳوٺن ۾ ناليون، پڪا رستا تعمير ڪرايون ۽ صفائي سٿرائي جون ڪاميٽيون ٺاهيون جنهن مان هزارين ماڻهو فائدو



حاصل ڪري رهيا آهن، ۽ اتي مثبت تبديلي اچي رهي آهي.

- دنيا ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڪرايو عمل تحت LSO Network نادرا ۽ تخليق فائونڊيشن جي مدد سان ڳوٺن ۾ شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ موبائل وين ذريعي يو.سي جي مختلف ڳوٺن ۾ ڪيمپون هٿايون ۽ **570** ڪان وڌيڪ مردن ۽ عورتن ڪي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏنا ويا.
- ووٽ جي اهميت ڪي اجاگر ڪرڻ واسطي. مقامي سهڪاري نيٽ ورڪ "پهل پاڪستان" PEHAL-PAKISTAN جي سهڪار سان **10** ورڪشاپ ۽ **10** ڪميونٽي ٿيٽر منعقد ڪرايا ته جيئن ماڻهن پنهنجي ووٽ جي اهميت ڪي سمجهن ۽ پنهنجي ووٽ ڪي صحيح استعمال ڪري سگهن.
- LSO Network انساني جذبي تحت **2015**ع ۾ ڪڇي ۾ آيل امڪاني ٻوڏ ۾ ضلعي حڪومت سان ملي ڪري **04** ٻيڙين جو بندوبست ڪيو ۽ پاڻي ۾ ڦاٿل تقريبا **1200** ڪان وڌيڪ ماڻهن ڪي پڪي طرف ٻيڙين ذريعي ڪڍي اچڻ ۾ مدد ڪئي.
- مقامي سهڪاري اداري **"ڪائنات فائونڊيشن"** سان رابطا ڪاري ڪندي تعليم جي اهميت ڪي اجاگر ڪرڻ ۽ پنهنجي ٻارن ڪي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ واسطي **16** ورڪشاپ منعقد ڪرايا جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي نياڻين ڪي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو.
- مقامي سهڪاري ادارن ضلعي حڪومت جي صحت ڪاتي جي مدد سان تعلقي جي Refusal ڳوٺن ۾ (جتي اڳ ڪوئي ٻه نه ويو هو) اتي ٻارن ڪي (Regular Immunization) حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ ۾ پڻ هر وقت سرگرم عميل رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو تعلقي ۾ پوليو جو ڪوبه ڪيس نه ٿيو آهي.
- Green Sindh "سائي سنڌ" جي سرگرمي تحت تعلقي لکي ۾ LSO Network جي سهڪار سان **52000** وڻ لڳايا ويا ته جيئن ماحول جي گدلاڻ ڪي گهٽائي سگهجي. ۽ ايندڙ نسلن ڪي سٺو ۽ خوشگوار ماحول ڏئي سگهجي.



- غيرت جي نالي تي ٿيندڙ قتل اسانجي معاشري جو هڪ ناسور بڻجي چڪو آهي. علائقي مان انهيءَ ڪي ختم ڪرڻ لاءِ مقامي سهڪاري اداري "نيٽ ورڪ" پاران هڪ ترت پوئواري (Rapid Response) قائم ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪو اهڙو اڻ وڻندڙ واقعو ٿي پوي ٿوته سڀ عورتون حرڪت ۾ اچي وڃن ٿيون ۽ ڪنهن به اڻوڻندڙ واقعي پيش اچڻ کان پهرين پوليس ۽ ٻين ادارن سان رابطي ۾ اچي وڃن ٿيون. جنهن جي نتيجي ۾ اڄ تائين ڪيترين ئي عورتن جون زندگيون بچايون ويون آهن.

ان ڪان علاوه مقامي سهڪاري ادارن نيٽ ورڪ پنهنجو پاڻ ڪي سماجي ڀلائي واري شعبي Social Welfare Department ڪي پاڻ سان رجسٽرڊ ڪرائڻ کان پوءِ ڪيترن ئي ادارن ڪي پنهنجو پاڻ لاءِ متوجه ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي پنهنجي وستي واهڻ ۾ اهڙا ڪم ڪري رهيا آهن جنهن سان اجتماعي سوچ پروان چڙهي رهي آهي ۽ هڪ خاموش انقلاب جنم وٺي رهيو آهي جيڪا يقينن اڳتي هلي هڪ وڏي تبديلي جو سبب بڻبي.

# سنڌ جي بزرگ شهرين جي ڀلائيءَ جو بل 2014

نثار احمد پنهوَر
فوڪل پرسن سرسو HelpAge

انسان ڳڌجي سڌجي رهندڙ جيوت آهي. جنهن کي ڪُول ۽ ماڪيءَ جيان ڳڌجي زندگي گهارڻي آهي. ڳڌيل ۽ سلهاڙيل زندگي جي ڪري ڪيس ٻين لاءِ فائديمند ۽ مددگار جو ڪردار ادا ڪرڻو آهي ۽ هڪ ٻئي جو ٻانهن ٻيلي ٿيڻو آهي.
انسان ٻالڪپڻي، جواني ۽ پوڙهائپ واري عمر مان گذري ٿو. ٻالڪپڻو هجي يا پوڙهائپ، هو سهاري کان سواءِ جيون گهاري ڪونہ سگهندو پر جواني جي جوش ۾ هو هوش کان ڪم گهٽ وٺي ٿو. جواني ۾ هو معاشري جو معمار، گهر جو سرواڻ آهي. قدرت جي ڪاريگري جي اڳيان پوڙهائپ ۾ هو بي وس ٿيو وڃي. مٿان وري مغربي طرز ڏانهن مائل معاشرو بزرگن جي شفقت ڏاهپ واري ميراث کي نظرانداز ڪندو ٿو وڃي.
معاشري جي ڏور ۽ واڳ جيئن تہ جوان طبقي جي هٿ ۾ هوندي آهي. اهڙي طبقي ڏاهپ ۽ دانش مند بزرگن کي نظرانداز ڪندي اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي سندن خيال آهي تہ ان عمر وارا هينئر ڪم جا ناهن رهيا.
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن 2010ع کان هيل تائين جيڪب آباد ۽ شڪارپور ضلعن ۾ بزرگن جي ڀلائي وارو




پراجيڪٽ هيلپ ايج انٽرنيشنل جي مالي سهڪار سان هلائي رهي آهي. هن پراجيڪٽ جي هڪ وڏي ڪاميابي جيڪا ملي سان اها آهي تہ تازو سنڌ اسيمبلي بزرگن جي ڀلائي وارو بل منظور ڪري ورتو آهي. ان بل جي پاس ٿيڻ جي ڪري سموري سنڌ جي وڏي عمر وارن ماڻهن کي هيٺيان فائدا ملندا. اهي فائدا هڪ ڪائونسل وترائي ڏيندي جنهن جي جوڙجڪ صوبائي وزير سوشل ويلفيئر، سيڪريٽري سماجي ڀلائي بہ اسيمبلي جا ميمبر، سيڪريٽري ناڻو ۽ صحت، سيڪريٽري بلديات، عشر زڪوات فوڊ ۽ زراعت، اين جي اوز ۽ رٽائرڊ جج تي مشتمل هوندي. ڪائونسل بزرگن جي ڀلائيءَ لاءِ هيٺيان ڪم ڪندي.

**بزرگن کي بل ۾ مليل سهوليتن جو تفصيل**

* بزرگ شهرين کي تفريحي هنڌن، سئنيما، ٿيٽر، گهمڻ ڦرڻ جي جڳهن، هوٽلن، موٽلن، ريسٽورينٽ، ڪاڌي پيتي جي جڳهن ۽ قيام گاهن تي رعايت ڏني ويندي.
* لوڪل ڪائونسل جي ذريعي بزرگ شهري جي موت تي ان جي غسل، ڪفن ۽ تدفين جو مفت انتظام ڪرائيندي.
* سماجي ۽ معاشي پروگرامن ۾ بزرگ شهرين لاءِ تربيتي فيس ۾ بلڪل ڇوٽ ملندي.

* هن قانون جي دائري ۾ رهندي اهڙا ٻيا ڪم ڪندي جيڪي هن قانون جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن.




**بزرگ شهرين جا گهر قائم ڪرڻ**

بزرگ شهرين لاءِ گهر قائم ڪرڻ

* حڪومت مناسب پهچ وارن جڳهن تي مرحليوار بزرگ شهرين لاءِ ”اولڊ ايج هوم“ (بزرگن جا گهر) ٺهرائيندي ۽ انهن جي سارسنڀال ڪندي ، جنهن جي شروعات ضلعي سطح تي هڪ اولڊ ايج هوم ٺهرائي ڪئي ويندي جتي بي سهارا بزرگ شهرين کي رهايو ويندو.
* حڪومت اولڊ ايج هوم جو انتظام هلائڻ لاءِ اسڪيمون تجويز ڪندي جن ۾ اهڙن گهرن جو معيار ڏاهڻ ۽ مناسب خدمتون فراهم ڪرڻ شامل هونديون ته جيئن انهن ۾ رهندڙ بزرگ شهرين  کي مناسب طبي سهولتون ۽ تفريحي سهولتون مهيا ڪري سگهجن.

وضاحت: هن شق ۾ لفظ ”بي سهارا“ مان مراد اهڙا بزرگ شهري آهن جن وٽ مناسب آمدني جا ذريعا نه آهن ۽ انهن جي بي سهارا هجڻ جو معيار وقت بوقت ڪائونسل مقرر ڪندي رهندي.

* اولڊ ايج هوم (بزرگ شهرين جي گهر) جو انچارج ضلعي جو سوشل ويلفيئر آفيسر هوندو.

**بزرگ شهرين کي طبي سهولتون مهيا ڪرڻ**

حڪومت جا اختيار ۽ ڪم

حڪومت ان ڳالھ کي يقيني بڻائيندي ته:

1. سرڪاري اسپتالون، مڪمل سرڪاري فنڊن سان هلندڙ ٻيون  اسپتالون ۽ جزوي سرڪاري فنڊن سان هلندڙ اسپتالون بزرگ شهرين کي ممڪن حد تائين بسترا / بيڊ فراهم ڪنديون.
2. بزرگ شهرين لاءِ الڳ قطارون ٺهرايون وينديون.
3. بزرگ شهرين جي خطرناڪ بيمارين، موذي مرضن، عمر سان لاڳاپيل بيمارين ۽ ٻين عارضن جي  علاج جي سهولت ميسر ڪندي.
4. عمر سان لاڳاپيل بيمارين ۽ عمر روان جي متعلق ريسرچ ڪندي.
5. سيني ضلعي سرڪاري اسپتالن ۾ عمر سان لاڳاپيل بيمارين جي علاج لاءِ الڳ سهولت قائم ڪرائي ويندي جنهن جو سربراه  ميڊيڪل آفيسر هوندو ۽ ان کي عمر سان لاڳاپيل بيمارين جي علاج جو تجربو به  هوندو.
6. بزرگ شهرين جي جسماني، ذهني ۽ تفريحي ضرورتن جي پورائي لاءِ ”ڊي ڪيئر سينٽر“ (ڏينهن جي سارسنڀال جا مرڪز“ کولائيندي.

7. بينڪن، بچت مرڪزن ۽ ٽڪيٽ گهرن تي بزرگ شهرين لاءِ خاص سهولتن جو انتظام ڪرائيندي.
8. بزرگ شهرين جي آمدني ۽ بچت تي ڪنهن به ڪاتي ۽ بينڪ پاران ڪا ٽيڪس نه لڳائيندي ۽ هو هر قسم جي آمدني ۽ بچت تي لڳندڙ ٽيڪس کان مستثنيٰ هوندا.
9. بزرگ شهرين کي ٽرانسپورٽ جي ڪراين ۾ رعايت ڏني ويندي. ريلوي ۽ پي. آئي.اي جي ڪراين ۾ رعايت لاءِ انهن کاتن جي ڏنل فارمن جي ذريعي سفارش ڪئي ويندي.
10. بزرگ شهرين لاءِ روزگار جون سهولتون حاصل ڪرڻ واريون تربيتيون ڪرايون وينديون.
11. بزرگ شهرين جي سارسنڀال، علاج ۽ ٻين مالي ضرورتن لاءِ زڪوات فنڊ ۽ بيت المال فنڊ ۾ حصو مقرر ڪري مدد ڪئي ويندي.
12. بزرگ شهرين جي بيمارين جي علاج لاءِ دوائن جي خريداري تي 25 سيڪڙو رعايت ڏني ويندي.
13. بزرگ شهرين جي خاص ضرورتن جي پورائي لاءِ "بينوولينٽ فنڊ" قائم ڪري مدد ڪئي ويندي.
14. بزرگ شهرين جا عالمي ڏهاڙا ملهايا ويندا.
15. بزرگ شهرين کي موقعا ڏنا ويندا ته هو پنهنجا تجربا ۽ مهارتون ليڪچر ۽ ڪتاب لکڻ ذريعي ٻين سان ونڊين. بزرگ شهرين جي مهارتن، تجربن ۽ صلاحيتن جي مڃتا لاءِ انهن کي ايوارڊ، شيلڊ، ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ نامزد ڪيو ويندو.
16. يونين ڪائونسل سطح تي بزرگ ماڻهن جا انگ اکر ڪٺا ڪيا ويندا.
17. غير سرڪاري تنظيمن کي بزرگ ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ ۾ سهڪار ڪيو ويندو.
18. هن قانون جي تحت بزرگ ماڻهن کي ڏنل سهولتن جي وقت بوقت وڏي پيماني تي ٽيليويزن، ريڊيو ۽ اخبارن ذريعي تشهير ڪئي ويندي.
19. هن قانون جي اهم شقن ۽ پهلوئن جي متعلق شعور اجاگر ڪرڻ ۽ لاڳاپيل مسئلن کي سمجهڻ لاءِ سرڪاري آفيسرن، پوليس آفيسرن ۽ عدالتي عملي جون تربيتون ڪرايون وينديون.
20. هن قانون تحت خدمتون فراهم ڪندڙ مختلف وزارتن ۽ ادارن جيئن گهرو کاتي، صحت کاتي ۽ سماجي ڀلائي جي کاتي ۾ موثر رابطو رکڻ لاءِ وقت بوقت جائزو وٺڻ جو اهتمام ڪيو ويندو ته جيئن بزرگ ماڻهن جي ڀلائي سان لاڳاپيل مسئلن تي غور ويچار ڪري جوڳو حل ڪڍيو وڃي.

حڪومت سنڌ جي اهڙي ڪاوش کي بزرگ ماڻهن سان گڏوگڏ سماجي تنظيمن، صحافين، ڪامورن، وڪيلن ۽ سياستدانن ۽ زندگي جي سيني شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن تمام گهڻو ساراهيو آهي.



ڀرارڙي جي عورت کي الله پاڪ ڇهه ڌيءَ هٿ عطا ڪيا هجن تا. جو هوءَ صبح جو سوير پرهه ڦٽيءُ تي مال متاع لاءِ گاهه ڪري، وري پنهنجي گهر ڀاتين لاءِ ماني ٽڪي جو بندوبست ڪري ٿي، تنهن بعد وري پنهنجي گهر جي ڪم ڪار ۾ مصروف ٿي وڃي ٿي. سندس جو سمورو ڏينهن انهيءَ مصروفيت ۾ گذريو وڃي ٿو. اهڙين ڪوڙ سارين عورتن جون ڪهاڻيون اسان کي ملنديو پر هيءَ ڪهاڻي آهي ضميران زال منظور حسين جي آهي، جنهن پنهنجي جستجو سان نيٺ منزل ماڻي ورتي.

# سرسو جي سهڪار سان ماڻي منزل

ذوالفقار راڄپر
سوشل آرگنائيزر - نوشهروفيروز

سرسو جي پنهنجي IFL-SRSO بنا وياج واري قرض جي ڪامياب پروگرام جون انيڪ ڪهاڻيون ۽ مثال آهن. جن ۾ هڪڙو شاندار مثال يونين ڪائونسل ڦل ضلعي نوشهرو فيروز جي مسمات ضميران خاتون جو پڻ آهي. IFL-SRSO جو هي پروگرام سکر، خيرپور ۽ نوشهرو ضلعن ۾ پڻ هلندڙ آهي.



هتي اسان جنهن باهمت عورت جو ذڪر ڪري رهيا آهيون ان جو نالو ضميران مشوري آهي. سندس تعلق ڳوٺ مينهون خان مشوري سان آهي. ضميران کي ستن ٻارڙن جي اولاد آهي جنهن ۾ چار پٽ ۽ ٽي نياڻيون اٿس. ضميران جا ٻه پٽ قدرتي طورتي اکين جي نُور کان محروم آهن. جن جو هوءَ وس آهر علاج ڪرائي رهي آهي. ضميران جو مڙس منظور حسين روزه مره جي مزدوري ڪري پنهنجي ٻارڙن جي پالنا ڪري ٿو، غربت سبب ضميران ٻه اوڙي پاڙي جي گهرن ۾ ڪم ڪار ڪري پنهنجي مڙس جو هٿ ونڊائي رهي آهي.

سرسو جڏهن ڳوٺ مينهون خان ۾ پنهنجو پروگرام شروع ڪيو ته ضميران ٻه سرسو جي پروگرام سان متاثر ٿي تنظيم "حجاب فاطمہ" ۾ ميمبر طور شرڪت ڪئي، هر گڏجاڻي ۾ پنهنجي حيثيت آهر تنظيم ۾ بچت ڪرائندي رهي، جيئن ته سروي مطابق ضميران جي غربت جو اسڪور **11** آهي. سرسو ٽيم جي موبيلائيزيشن بعد ضميران پنهنجي ميمبرن سان صلاح ڪئي ته مونکي ٻه سرسو اداري مان فائدو وٺرائي ڏيو، جنهن بعد ميمبرن جي صلاح مشوري سان ضميران هڪ قرارداد لکي سرسوآفيس موڪلي، جيڪا جانچ پڙتال ڪانپوءِ منظور ڪندي ڪيس بغير وياج قرض پروگرام مان -/20,000 هزار روپين جو چيڪ ڏنو، ضميران بئنڪ مان چيڪ پاس ڪرائي پنهنجي مڙس منظور حسين سان صلاح ڪئي ته هنن پئسن مان ڇا ڪجي؟ جو اسان جي گهر جو گذرسفر بهتر هلي سگهي. گڏيل صلاح سان منظور گڏهه گاڏو خريد ڪرڻ جو سوچيو، پر ان لاءِ ٻه وڌيڪ پئسا پيا گهرجن پيا، پوءِ ضميران ميمبرن جي مدد سان ۽ پنهنجي ميڙي چونڊي ملائي ڪري -/35,000 هزارن مان منظور حسين کي گڏهه گاڏو خريد ڪري ڏنو.



محنت مشقت ڪري منظور حسين روزانہ 400 کان 500 ڪمائي رهيو آهي، ضميران سرسو پاران ورتل **20** هزار ڏهن مهينن اندر واپس ڪيا، گڏوگڏ ميمبرن کان ورتل پئسا ٻه واپس ڪري ڇڏيا، هاڻ هو هڪ گڏهه گاڏي جا مالڪ آهن، سندن گهرو حالات پهريان کان ڪافي بهتر آهن.

ضميران چواڻي ته مان شڪريو ادا ڪريان ٿي سرسو جو پنهنجي ميمبر ساٿين جو جنهن منهنجي رهنمائي ۽ مدد ڪئي، سچ پڇو سرسو بنا وياج واري قرض مونکي تمام گهڻو فائدو ڏنو، پهريان ٻه اسان ڪوشش ڪئي هئي سين ته ڪٿان پئسا ملي وڃن ته گهر لاءِ ڪجهه ڪجي، روزانہ مزدوري ڪڏهن لڳي ٿي ڪڏهن نہ گهر ۾ ٻار بيمار ڪافي پريشاني ۾ وقت پيو گذري، پر چوندا آهن ته غريب جو الله، سو الله پاڪ ذريعو بڻائي سرسو اداري کي اهڙو پروگرام ڪٽي اسان جي ڳوٺ آندو ۽ مون جهڙين ٻين غريب عورتن پڻ فائدو حاصل ڪيو. مان اداري جي نهايت ٿورائتي آهيان.

# هِڪ تربيت ورتل صحت ڪارڪن جو مسيحائي ڪردار



ڳوٺ : اسلام خان لاشاري

يوسي : ڍهانگرو

تعلقو: ميرپور ماٿيلو

رپورٽ: حميده بانو
ڊسٽرڪٽ پروجيڪٽ آفيسر HCP گهوٽڪي

هيءَ ڪهاڻي هڪ اهڙي ”صحت ڪارڪن“ جي آهي. جنهن علم جي هڪ اهڙي دنيا ۾ قدم رکيوآهي. جنهن سان هن جو ڪو بہ تعلق نہ هيو، هن باهمت عورت بہ زندگيون بچائي وڏو قابل تعريف ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. جيئن تہ هن ڳوٺ ۾ ڪيترن ئي سالن کان اهو رواج رهيو آهي تہ عورتون گهر ۾ ويم ڪنديون آهن، ۽ پيٽ وارين عورتن ڪي معائني جي اهميت بابت ڪا ڄاڻ نہ هوندي آهي، جنهن ڪري ويم دوران ڪيتريون ئي قيمتي زندگيون ضايع ٿي وينديون آهن.

ناهيد اختر صحت جي (PCH) پروگرام ۾ صحت ڪارڪن جي حيثيت سان شروعات ڪئي ۽ يارهن ڏينهن جي تربيت پڻ حاصل ڪئي، هن تربيت ۾ ماهر ڊاڪٽرن صحت ڪارڪنن کي ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت تفصيلي تربيت ڏني.

ناهيد اختر جو چوڻ آهي تہ "پهريان مونکي اکيون هيون پر تربيت وٺڻ کانپوءِ مان سمجهان ٿي تہ مونکي اکين جي روشني اڄ ملي آهي ۽ هنن حقيقي اکين سان مان زندگي ۽ موت جي فاصلي کي تمام پرسان وجي ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي."

هن جي ڀاڄائيءَ کي چار ٻار آهن ۽ پنجون ٻار هن کي ڄمڻ وارو هيو پر گهٽ ڄاڻ هجڻ جي ڪري هي پنهنجي صحت کان لاتعلق هئي، ۽ حمل دوران ڪو هڪ بہ معائنو نہ ڪرائيو هئائين. تربيت وٺڻ کانپوءِ صحت ڪارڪن ناهيد اختر پنهنجي ڀاءُ، ڀاڄائي ۽ ماءُ سان معائني جي اهميت ۽ ويم دوران خطرناڪ علامتن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، تمام ڊگهي ڳالهہ ٻولهہ ۽ بحث کانپوءِ ناهيد اختر هنن کي ان ڳالهہ تي راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي تہ، حمل دؤران معائنو ڪرائڻ تمام ضروري آهي. ۽ ويم هميشہ تربيت يافتہ ڊاڪٽرياڻي، ليڊي هيلٿ ورڪر يا ڪنهن تربيت ورتل دائيءَ کان ڪرائڻ گهرجي. ناهيد اختر چڱي طرح ڄاڻ رکي پئي تہ ويم دؤران ٿيندڙ مختلف خطرناڪ علامتون ڪهڙيون آهن، ۽ ويم کانپوءِ 24 ڪلاڪن جي اندر ماءُ ۽ ٻار جي معائني جي ڪيتري اهميت آهي.

۽ اهو ڏينهن بہ اچي ويو جو ناهيد جي ڀاڄائي پنهنجي سس ۽ ناهيد سان گڏجي ميرپور ماٿيلي جي هڪ صحت مرڪز اچي پهتيون. جتي سندس ڀاڄائي هڪ صحت مند پٽ کي جنم ڏنو. سندس ڀاڄائي جا مائٽ بہ صحت مرڪز اچي پهتا. ناهيد کي ماءُ جي پهرين کير جي اهميت چڱي طرح خبر هئي ۽ هن پنهنجي ڀاڄائي جي مدد ڪندي ٻار کي ماءُ جو پهريون کير پيارڻ ۾ مدد ڪئي. اوچتو هوءَ تمام گهڻو پريشان ٿي وئي ۽ هن محسوس ڪيو تہ ٻار چڱي طرح کير نہ ٿو پيئي ۽ ٻا ر جو جسم ٿڌو ٿي رهيو آهي. جڏهن تہ ٻار جي ساهہ کڻڻ جي رفتار تربيت ۾ ٻڌايل رفتار کان پڻ گهٽ هئي، هن اهي ڳالهيون پنهنجي آيل خاندان کي ٻڌايون. پر سندس ڀاتين ڳالهہ رد ڪندي اهو چيو تہ اهي سڀ ڊاڪٽرياڻي جي ڄاڻ جون ڳالهيون آهن، توکي ڪا بہ خبر نہ آهي. ناهيد پهريان تہ ڊاڪٽرياڻي سان رابطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڊاڪٽرياڻي ڪنهن ٻئي ويم ڪرائڻ لاءِ نڪري چڪي هئي. نرس ان ڳالهہ تي راضي نہ هئي تہ ناهيد ٻارکي صحت مرڪز کان ٻاهر کڻي وڃي. جنهن تي ناهيد ڪيس ٻڌايو تہ آءُ اداري سرسو سان تعلق رکان ٿي ۽ يو.ايس.ايڊ (USAID) جي تعاون سان هلندڙ پروگرام ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي تربيت وٺي چڪي آهيان. ۽ صحت ڪارڪن (CHW) ڪميونٽي هيلٿ ورڪر پڻ آهيان، ”آءُ ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت خطرناڪ علامتن کي چڱي طرح سمجهي سگهان ٿي“. ناهيد بنا ڪنهن دير جي پنهنجي ڀاءُ ڏي فون ڪيو ۽ ان کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي، ۽ ان کي ڪا سواري بہ گڏ آڻڻ لاءِ چيو تنهن کانپوءِ فوري طور تي ناهيد ٻار کي، ٻارن جي ماهر ڊاڪٽر ڏانهن کڻي وئي. ۽ اتي ٻارن جي ماهر ڊاڪٽر نئي ڄاول ٻار جو فوري معائنو ڪندي علاج بہ شروع ڪري ڏنو. ٻار جي وات مان ڪافي ڪچرو نڪتو، هاڻي ٻار چڱو ڀلو پئي نظر آيو. ناهيد ڏٺو تہ ٻار جو گرمي پد بلڪل صحيح هيو ۽ ٻار چڱي طرح ساهہ کڻي رهيو هو.

ڊاڪٽر ڪيس ٻڌايو تہ ويم جي دوران ڪڏهن ڪڏهن ٻار جي ساهہ وارين نالين ۾ ڪچرو هلي وڃڻ سبب اهڙيون علامتون ظاهر ٿينديون آهن. ۽ اڪثر اهي علامتون ٻار جي موت جو سبب پڻ بڻبيون آهن. توهان جو ٻار هڪ وڏي خطري ۾ هيو. پر توهان جي وقت سِر صحيح قدم کڻڻ ڪري هاڻ ٻار جي زندگي خطري کان ٻاهر آهي. جڏهن تہ پهريان هي ٻار موت جي گهڻو قريب هيو، اهو سڀ ڪجهہ ٿيڻ کانپوءِ ناهيد جو ڀاءُ تمام گهڻو خوش، جذباتي ۽ حيران هيو، ان ڏينهن هن مڃيو تہ منهنجي ڀيڻ جي ورتل تربيت جي ڪري منهنجو ٻار اڄ زندهہ آهي. ناهيد جو خاندان گهڻو خوش آهي ۽ انهن کي ناهيد تي فخر آهي تہ اسان جي نياڻي انسانيت کي بچائيندڙ ڪارڪن آهي، هن جي ماءُ جو چوڻ آهي" تہ مون کي پنهنجي ڌيءَ تي فخر آهي تہ هيءَ نہ رڳو پنهنجي خاندان جي خدمت ڪندي پر سڄي ڳوٺ وارن جي خدمت پڻ ڪندي".

# ماهہ گنج جو مثال

شبانہ ڪرل
ڊسٽرڪٽ پروگرام آفيسر
HCP پروجيڪٽ جيڪب آباد

چاليهن ورهين جي ماهہ گنج جو تعلق جيڪب آباد ضلعي جي ڳوٺ رسول بخش بروهي جي يونين ڪائونسل محمد پور سان آهي. مسمات ماهہ گنج جو مڙس بشير احمد هارپو ڪندو رهيو آهي. پر هن وقت هو ٽي بي جي بيماريءَ ۾ مبتلا هئڻ ڪري هارپو ڪرڻ ڪان بہ قاصر آهي. ماهہ گنج کي پنج ٻارن جو اولاد آهي، جنهن ۾ ڪيس بہ پٽ ۽ ٽي ڌيئر آهن. جئين تہ ماهہ گنج جو تعلق ٻهراڙيءَ جي علائقي سان آهي، تنهن ڪري صحت، تعليم ۽ غربت جهڙا مسئلا هن ڳوٺ جي رهواسين کي شڪي ستابي حياتي گذارڻ ڪان محروم رکن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ماهہ گنج جو سورهن ورهين جو پٽ محمد عارف ڪراچي جي فيڪٽري ۾ مزدوري ڪري ٿو ۽ جڏهن تہ ماهہ گنج ڳوٺ ۾ پورهيو ڪري گهر جو چرخو هلائي ٿي. ان ڪان علاوه ننڍپڻ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين جون شاديون ڪرائڻ هن ڳوٺ جي رسم ۽ رواج ۾ شامل آهي. ماهہ گنج انهن عورتن منجهان هڪ آهي جنهن جي شادي ننڍپڻ ۾ ڪرائي وئي. ان ڪارڻ ڪيس ارڙهن ٻار ٿيڻ باوجود فقط پنج ٻار ئي حال حيات آهن. تيرهن ٻار ضايع ٿيڻ جو رنج ڪيس تاحيات رهندو. پر هن کي ايترا ٻار ضايع ٿيڻ جي صحيح سڌ اجان تائين نہ پئجي سگهي آهي.

سرسو پاران ٻار ۽ ماءُ جي صحت بابت پروجيڪٽ رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ ۽ يو ايس ايڊ جي مالي سهڪار سان شروع ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ضلعي جيڪب آباد جي انهن علائقن ۾ ڪم ڪيو پيو وڃي جتي سرڪاري سطح تي ڪم ڪندڙ ليڊي هيلٿ ورڪرز جي رسائي ممڪن ناهي. ان پروجيڪٽ تحت ضلعي جيڪب آباد مان **125** ڪميونٽي هيلٿ ورڪرز چونڊيون ويون آهن. ماه گنج بہ انهن ورڪرن مان هڪ ڪميونٽي هيلٿ ورڪر آهي. ماهہ گنج کي ڪميونٽي هيلٿ ورڪر طور پنهنجي علائقي ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي. ماهہ گنج کي پنجن ڏينهن جي ڪميونٽي هيلٿ ورڪرز جي تربيت پڻ ڏني وئي آهي. ڪيس مختلف موضوعن سان گڏ اها پڻ سکيا ڏني وئي آهي تہ گهڻي تعداد ۾ مائرن ۽ ٻارن جي موت جو بنيادي ڪارڻ ننڍپڻ ۾ شاديون ئي آهن. چو تہ ارڙهن سالن جي عمر تائين جسم واڌ ويجهہ جي مرحلي ۾ هوندو آهي. ان دوران اگر ڪنهن ڇوڪريءَ جي زبردستي شادي ڪرائي وئي تہ ٻاڻ سان گڏ ان جي ٿيڻ واري ٻار جي زندگيءَ کي پڻ خطرو آهي.



سکيا دوران ماه گنج کي بہ پنهنجي ٻارن جي ضايع ٿيڻ جو سبب معلوم ٿي ويو. ۽ هن پنهنجي اها کهاڻي تربيت دوران سيني کي ٻڌائي. تربيت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ماه گنج زندگيءَ ۾ هڪ تمام وڏو امتحان سامهون آيو. ڇو تہ ان ئي مهيني ۾ سندس جي وڏي پٽ محمد عارف جي شادي رٿيل هئي. جنهن جا تقريبن انتظام مڪمل ڪيا ويا هئا. محمد عارف بہ ڪراچي ڪان شاديءَ لاءِ موڪلون وٺي اچي ڳوٺ پهتو. عارف پنهنجي وني لاءِ ڏاج پڻ خريد ڪيو هو. پر ماهہ گنج فوري طور تي پنهنجي پٽ جي شادي روڪرائي ڇڏي. جڏهن گهر وارن شادي روڪرائڻ جو سبب پڇيو تہ هن ڪين ٻڌايو تہ هن جي ٿيڻ واري ُنهن ڪريمان چوڏهن ورهين جي آهي ۽ هن جو پٽ محمد عارف سورهن ورهين جو آهي. جيڪڏهن هيءَ شادي ٿي تہ، نہ فقط ٻار پر ماءُ جي زندگي کي بہ خطرو آهي. هن جي گهر وارن هن جي ڳالهہ تي يقين نہ پئي ڪيو، پوءِ هن ڪين تربيت مان حاصل ڪيل ڪتابچو ڏيکاريو جنهن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت تفصيلي لکيل هو ۽ وڌيڪ ڪين ٻڌايو تہ ڇا ڇلا اوهان کي منهنجي ننڍپڻ واري شادي مان حاصل ڪيل نتيجن جي ڄاڻ ناهي. مون ڪيترو ڀوڳيو آهي. هن جي گهر وارن چيو تہ تون سڀ ڪجهہ سچ ڳالهائي رهي آهين پراها اسان جي پراڻي رسم آهي اگر اسين هن رواج کي پٺي ڏينداسين تہ اسان سان ڳوٺ وارا برادري ختم ڪري ڇڏيندا. ان ريتن، رسمن ۽ رواجن جي پرواهہ ڪرڻ ڪان علاوه ماه گنج پنهنجي گهر وارن کي مطمئين ڪندي چيو تہ ڇا مون کي پنهنجي پٽ جي مراد جي خواهش نہ آهي، پر مان نہ ٿي چاهيان تہ تڪڙي خوشي حاصل ڪري پنهنجي پٽ، نُنهن ۽ انهن جي اولاد جي زندگي لاءِ خطرا پيدا ڪيان. ماهہ گنج هڪ بهادر همٿ واري با عمل عورت آهي جنهن تمام گهڻي ڪوشش بعد گهر وارن کي آمده ڪري هڪ اهڙو انقلابي قدم کنيو آهي جنهن سبب هوءَ سموري علائقي لاءِ مثال بڻجي چڪي آهي.

# وزير اعظم جي بنا وياج قرض اسڪيم ذريعي ڪاروبار ۾ واڌارو

زاهده پروين ڪلوڙ
لون آفيسر، اباوڙو، ڊسٽرڪٽ گهوٽڪي

PMIFL جي سهڪار سان سرسو جي ٽن ضلعن شڪارپور، ڪنڌڪوٽ-ڪشمور ۽ گهوٽڪي ۾ بنا وياج جي قرض وارو پروگرام هلي رهيو آهي. جنهن مان، گهوٽڪي ضلعي جي هڪ مثالي ڪهاڻي ڏجي ٿي.

مسمات بشيران، ڳوٺ خميسو چاچڙ يونين ڪائونسل ڪمون شهيد جي رهواسڻ ۽ تنظيم "حجابِ فاطمہ" جي ميمبر آهي. سندس مڙس ڪافي عرصواڳ وفات ڪري ويو آهي، مسمات بشيران کي ٽي نياڻيون ۽ ٽن پٽن جو اولاد آهي. غربت سبب سندن جو گذرسفر غريبي حال ۾ ٿئي پيو. پر، مسمات بشيران همٿ جو دامن نہ ڇڏيو ۽ گهر ۾ ننڍي پئماني تي "کسن" جو ڪاروبار ڪندي گهر جي چلهہ ٻاري. جڏهن ڪان مسمات بشيران تنظيم جي ميمبر ٿي تہ تنظيمي گڏجاڻيءَ سدائين ميمبرن آڏو چوندي هئي تہ جيڪر ڪٿان پئسا ملي وڃن تہ ڪاروبار کي اڃان وڌائي گهر جي آمدني ۾ ڪجهہ آصافو ڪريان، بشيران کي پنهنجي خواهش/ تمنا تڏهن پوري ٿيندي نظر آئي، جڏهن سرسو اداري جي ٽيم وزير اعظم جي بنا وياج قرض اسڪيم سان گڏ ڳوٺ خميسو چاچڙ ۾ متعارف ڪرائي تہ مسمات بشيران بہ انهيءَ پروگرام مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ تنظيم جي معرفت درخواست ڪئي تہ اِهو قرض بنا وياج ۽ سهولت سان واپس ڪرڻ وارو آهي. مان انهيءَ پئسن مان پنهنجي ننڍي پئماني تي هلندڙ ڪاروبار کي وڌائي ۽ بچت ڪرڻ چاهيان ٿي، تہ جئين منهنجا ٻارڙا سکيو ڳيو ڪائي سگهن ۽ تعليم بہ پرائي سگهن، اهو قرض جيڪر مونکي بہ ملي وڃي تہ مان بهتر ۽ آسان طريقي سان قرض واپس ڪنديس. اداري جي پاليسي مطابق بشيران کي -/24,000 هزار روپين جو چيڪ مليو، جيڪو مسمات بشيران بئنڪ مان پاس ڪرائي،ڻ پئسن ۾ ڪجهہ پئسا پنهنجي گهر اندر ڪندڙ "کسن" (جوتن) جي ڪاروبار ۾ وڌا، ۽ ڪجهہ پئسن مان هن پنهنجي پٽ کي ڳوٺ ۾ پرچون جو هڪ دوڪان کولي ڏنو. مسمات بشيران چواڻي تہ هن وقت مان، منهنجو پٽ ۽ منهنجون ڌيئرون تمام گهڻو خوش آهيون. چڱو ٿيو جو سرسو ادارو وزير اعظم جو پروگرام کڻي اسان جي ڳوٺ خميسو چاچڙ ۾ آيو، جو منهنجي گهريلو مالي حالت ڪجهہ بهتر ٿي وئي، منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد نہ آهي، ۽ چوندي آهيان تہ ڪاش! منهنجو مڙس اڄ زنده هجي ها ۽ پنهنجي اکين سان ڏسي ها تہ هاڻ اسان وٽ هڪ دوڪان بہ آهي ۽ "کسن" جو ڪاروبار بہ ڀهريان ڪان هاڻ بهتر هلي رهيو آهي. اسان کي تہ يقين ئي ڪونہ پيو اچي تہ ڪو ايئن بہ ٿي سگهي ٿو! تہ ڪو ادارو اسان وٽ ايندو ۽ اسان جا گهرو حالات بهتر ٿيندا. مان شڪرگذار آهيان سرسو اداري ۽ سرسو ٽيم جي ڇوتہ اسان غريبن کي ڏکيءَ سکيءَ ۾ڪو پنج روپيہ ڏيڻ لاءِ بہ تيار نہ هيو. اسان کي وزير اعظم جي بنا وياج واري هن پروگرام مان سٺو فائدو پيو آهي جو اسان کي بغير ڪنهن پريشانيءَ جي بنا وياج جي پئسا ملي ويا. هاڻ تہ مون وقت سر بچت ڪري اداري جو قرض بہ لاهي ڇڏيو آهي. ۽ گهر جو چرخو بہ الله جي ڪرم سان بهتر هلي رهيو آهي. ماڻهو همٿ نہ هاري پوءِ مدد الله پاڪ ڪندو آهي.





# قدرتي وسيلن جي انتظام ڪاري واري شعبي (NRM) جي ڪارڪردگي

نثار احمد پناڻ
مئنيجر NRM

غريب ڳوٺاڻا ٻهراڙين جي ڏورانهين علائقن ۾ رهن ٿا. سندن زندگيءَ جو گذرسفر زراعت ۽ مال مويشي تي آهي. غريب عورتون گهرو ڪم ڪار سان گڏ کيتي واڙي سان واڳيل ڪمن جهڙوڪ: رونبو، چونڊو، گاهه ڪرڻ، مال مويشي ڪي پالڻ (چارڻ) وغيره جهڙين ڏکين ۽ ڪٺن ڪمن ۾ سدائين مصروف عمل رهن ٿيون. ڪين جديد دؤر جي ڄاڻ بنهه ڪين آهي. ان ڪري ناٽي ڪمائڻ جي جديد تقاضائن کان اڻ واقف آهن.



سرسو جا جفاڪش ۽ ڪاهوڙي ڪارڪن اهڙين غريب عورتن جي ذهني جاڳرتا ڪندي کين منظم ڪرڻ ۾ مصروف ۽ مگن آهن، ته جيئن هو پاڻ کي دنيا جي ترقي يافته عورتن جي صف ۾ تورو گهٽو ڏسي سگهن.

زندگي جي مختلف شعبن سان واڳيل اهڙين عورتن کي منظم ڪندي کين ڪراچي، اسلام آباد مان تربيتون پڻ ڏياريون ويندئون آهن ته جيئن هو پنهنجي شعبي ۾ نون طريقن ذريعي آمدني وڌائي سگهن ۽ پوءِ يقينا اهو پئسو هو مستقبل جي معمارن يعني پنهنجي ٻارن جي تعليم، صحت ۽ ڪاڏي پيتي تي خرچ ڪنديون جنهن جا نتيجا لاپائتا نڪرندا.





هيل تائين ڪيل ڪمن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

| نمبر | تفصيل | ڪيل ڪم جو ٽوٽل |
|---|---|---|
| 1 | ڄاڻ وڌائڻ جا سيشن | **384** |
| 2 | ورهايل مصري مرغيون | 17,228 يونٽ (5+ 1) |
| 3 | گهريلو سطح تي سبزيون | 77,748 |
| 4 | ٻوٽا | 389,500 |
| 5 | زرعي مواد ورهايل | 6000 |





## بزرگن واري پراجيڪٽ جو احوال (HelpAge International)

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سال 2010ع کان اڄ تائين جيڪب آباد ۽ شڪارپور ضلعن ۾ هيلپ ايج انٽرنيشنل سان سلهاڙجي بزرگن جي ڀلائي وارا پروگرام هلائي رهي آهي. انهن ۾ وڪالت واري مهم، بغير وياج تي قرض، گهٽ وياج تي قرض، ڪچن گارڊننگ، مرغباني، پيروڪاري تربيتون وغيره وغيره شامل آهن.



تازوئي بزرگ دوستن، سياستدانن، ليکڪن، وڪيلن، ايم.پي.ايز کان مدد وٺندي سنڌ اسيمبلي مان بزرگن جي ڀلائي وارو بل منظور ڪرايو آهي. جيڪا هن پروجيڪٽ جي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي آهي.

**ڪيل ڪمن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو**

1. بزرگ دوستن جون ڳاهيل تنظيمون 107 آهن ۽ انهن جي ميمبر سازي جو تعداد 6050 آهي. اهڙن ميمبرن ۾ 20-15 سيڪڙو معذور ۽ 40% عورتون شامل آهن.
2. بزرگ دوستن جي تنظيمن کي پڻ مختلف قسمن جون تربيتون ڪرايون ويندون آهن. منصوبه سازي ۽ نگهباڻي (Planning & Meritorious) جون 08 تربيتون ڪرايون ويون آهن.
3. پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ پيروڪاري (Advocacy) ڪرڻ جون 16 تربيتون ڪرايون ويون آهن.
4. پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ (Advocacy Campaign) پيروڪاري مهم هلائڻ جو تعداد 10 آهي.
5. اهڙن ڪمن کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ بزرگن کي لٽريچر پڻ ڏنو ويندو آهي. هن وقت تائين 1100 لٽريچر ورهايا ويا آهن.
6. رابطا ڪاري واري اصول تي بزرگ دوست تنظيمون ڪم ڪنديون آهن. ان ڪري سندن رابطا ضلعي حڪومتن، سماجي ڀلائي واري کاتي ايل.ايس.اوز، ۽ مختلف NGOs سان ڪرايا ويندا آهن ته جيئن گڏجي سڏجي پنهنجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري سگهن. اهڙن رابطن جو تعداد 100 آهي.
7. قانون جي برابري واري مد Paralegal Support بزرگ دوست پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ نظراندازي ٿي رهيا آهن. هن پروگرام تحت ڪين به وڪيل عورتون مقرر ڪري ڏنيون ويون آهن. جيڪي سندن انصافي تقاضا ۾ مدد ڏيڻ لاءِ صلاح مشورا ڏئي رهيون آهن. ۽ هن وقت تائين انهيءَ سلسلي ۾ 196 صلاح مشورا ڏئي چڪيون آهن.
8. صوبائي سطح تي عوام، بالا آفيسرن، صحافي، وڪيل، سياستدانن کي ڄاڻ ڏيڻ ۽ پروگرام کي روشناس ڪرائڻ لاءِ سيمينار پڻ منعقد ڪرايا ويندا آهن. انهيءَ حوالي سان 2 سيمينار ٿي چڪا آهن.
9. اکين جون مختلف ڪيمپون لڳائي متاثره بزرگن کي علاج، عينڪون ۽ آپريشنون پڻ ڪيون وينديون آهن. جنهن جو تعداد 6 آهي.
10. 500 بزرگن کي 15,000 هزار روپين جا گهٽ وياج %10-5 قرض ڏنا ويا آهن ته جيئن هو ڪو ننڍو ڪاروبار ڪندي پنهنجي آمدني وڌائي سگهن.
11. بزرگ دوست تنظيمن ۾ شامل سيني بزرگن ملي ڪري 90 هزار ٻوٽا پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ هنيا آهن.
12. بزرگ ماڻهن کي 1+9 مصري مرغين جا يونٽ ڏنا ويا آهن ته جيئن هو مرغين جو ٽهل ٽڪور ڪندي مصروف به رهن ۽ آمدني ۾ اضافو ڪندي غذائي ضرورت کي به پورو ڪري سگهن. تنظيمن کي هن وقت تائين 450 يونٽ ڏنا ويا آهن.
13. ڪچن گارڊننگ ۽ ٽول ڪٽ: منظم بزرگن کي مصروف رکڻ ۽ انهن جي ذهن کي تازو ڪرڻ لاءِ ڪين گهريلو سطح تي هن پروجيڪٽ تحت ڪچن گارڊننگ ڪرائي ويندي آهي ته جيئن هو گهر لاءِ تازيون ڀاڄيون به حاصل ڪري سگهن ۽ ناڻو به ڪمائي سگهن. هن وقت تائين 300 گهراڻن کي ٻج ۽ ٽول ڪٽ ڏنا ويا آهن.
14. ڊيٽا بيس ڳاهڻ : هن سڄي پروجيڪٽ جي انگن اکرن کي نئين سسٽم تحت انٽري ڪرڻ لاءِ Software ٺهرايو ويو آهي. ان ۾ پراجيڪٽ جا سمورا انگ اکر رکيا ويا آهن.
15. بزرگ دوست کي جاڳرتا ڏيڻ لاءِ ٽي عدد سينسيٽائيزيشن ورڪشاپ پڻ ڪرايا ويا آهن.
16. ٽي عدد صحافين ۽ مددگار ادارن سان ورڪشاپ پڻ ڪرايا ويا آهن.
17. پروجيڪٽ تحت Paralegal Activities، 28 آهن.




هي پروگرام جاري ۽ ساري آهي، ۽ اميد ٿي ڪجي ته بزرگ دوست مختلف ادارن، سياستدانن ۽ وس وارن عملدارن سان ملي ڪري جيڪو سنڌ اسيمبلي سندن ڀلائي وارو بل منظور ڪيو آهي. ان تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ضلعن ۾ عملي مظاهرو ڪندي وڌيڪ عمر جي ماڻهن کي سرڪار پاران اعلانيل سهوليتون وٺرائي ڏيڻ لاءِ وسان نه گهٽائيندا.

## گڏهه، گهوڙن ۽ خچرن جي فلاح وارو پروجيڪٽ (BROOKE)




هي پراجيڪٽ بہ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سال 2009ع کان بروڪ پاڪستان جي مالي سهائتا سان سرسو جي چئن ضلعن ۾ هلائي رهي آهي. جنهن ۾ سکر، لاڙڪاڻو، شڪارپور ۽ جيڪب آباد شامل آهن. هن پراجيڪٽ جا مکيہ مقصد هن ريت آهن:

گگدام جانورن جي گشتي ڪلينڪ وسيلي علاج معالج ڪرڻ تہ جيئن ذڪر ڪيل ضلعن ۾ ڪوبہ گڏهہ، گهوڙو، خچر بيمار نہ رهي ۽ فضائي آلودگي کان بچيل رهي سگهي. جانورن جي مالڪن کي آگاهي جون تربيتون ڏيڻ تہ جيئن مالڪ جانورن جي صحت کاڌ خوراڪ، صفائي جو خيال رکندي ڪم ڪرڻ جا ڪلاڪ وڌائيندي جهجهي آمدني ڪمائي سگهن.

موچين، سنج ٺاهيندڙن ۽ نعل لڳائڻ وارن کي تربيت ڏيڻ تہ جيئن هو سٺا سنج ۽ نعل تيار ڪندي بار ڍوئيندڙ جانورن کي زخمن کان بچائي سگهن. وٽرنري ڊاڪٽرن، عورتن ۽ مال مويشي جو علاج ڪندڙن کي تربيتون ڏئي جانورن جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ پڻ هن پروگرام جو حصو آهي.




جانورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ واٽر ٽرف ۽ بيهڻ لاءِ ڇانو جا ڇپرا پڻ ٺاهي ڏنا وڃن ٿا. اسڪولن ۾ وڃي ڪري ننڍڙن ٻالڪن کي

جانورن بابت ڄاڻ ڪاري سيشن پڻ ڏنا ويندا آهن، تہ جيئن مستقبل جا معمار پنهنجي جواني ۾ انهن جانورن تي ڪهڪاءُ ڪندي ڪو قانون (Animal Act) پاس ڪرائي سگهن يا خود محافظ هوندي انهن جي حقن جو خيال رکي سگهن.

**ڪيل ڪم جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.**

| نمبر | ڪيل ڪم جو نالو | سکر | شڪارپور | لاڙڪاڻو | جيڪب آباد | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | هنگامي بنيادن تي جانورن کي ڏنل علاج | 6243 | 6202 | 5583 | 6836 | 24,864 |
| 2 | فالواپ تربيتون | 7 | 7 | 8 | 7 | 29 |
| 3 | مرد ۽ عورت ڪارڪنن کي ڏنل ڪِٽون | 150 | 175 | 205 | 250 | 780 |
| 4 | موچين ۽ نالبند جون تربيتون | 12 | 12 | 12 | 12 | 48 |
| 5 | بيهر فالواپ (پوئواري) تربيتون | 7 | 7 | 7 | 7 | 28 |
| 6 | نگهباني Monitoring | 4 | 4 | 4 | 4 | 16 |
| 7 | ڳانڍاپو ڪرايو ويو Linkages | 5 | 5 | 5 | 5 | 20 |
| 8 | بالٽيون، موڙ ۽ ڪٽس جو وچور | 157 | 158 | 157 | 158 | 630 |
| 9 | ڇپرا ڇانو لاءِ | 4 | 2 | 3 | 3 | 15 |
| 10 | پاڻي لاءِ نهرايل ٽب | 6 | 6 | 6 | 6 | 36 |
| 11 | جاڳرتا گڏجاڻيون | 3 | 3 | 3 | 3 | 12 |
| 12 | صحتمند جانورن جا مقابلا | 2 | 2 | 2 | 2 | 8 |
| 13 | توسيعي مواد | 60 | 70 | 80 | 80 | 290 |
| 14 | تربيت | 10 | 10 | 10 | 10 | 40 |
| 15 | روين جي ڄاڻ | 10 | 10 | 10 | 10 | 40 |
| 16 | ڪيس اسٽڊيز | 4 | 4 | 4 | 4 | 16 |
| 17 | عوامي جاڳرتا مهم | 4 | 4 | 5 | 5 | 18 |
| 18 | جانورن جو عالمي ڏينهن | 1 | 1 | 1 | 1 | 4 |
| 19 | اسڪولي شاگردن کي جاڳرتا | 3 | 3 | 3 | 3 | 12 |
| 20 | ڪلينڪ جي آڊٽ | 2 | 2 | 2 | 2 | 8 |
| 21 | CV & TM پيئرڊ ورڪشاپ | 2 | 1 | 1 | 1 | 5 |
| 22 | ماهانہ تہ ماهي سالانہ جائزہ گڏجاڻيون | 3 | 3 | 3 | 3 | 12 |

هي پروگرام هلندڙ آهي، سرڪاري ادارن ۽ جانورن جي مالڪن کي پاڻ ۾ لهہ وچڙ ۾ آڻڻ لاءِ سرسو جي پراجيڪٽ جو عملو سرگرمِ عمل آهي تہ جيئن صوبائي سطح تي ڄاڻايل جانورن لاءِ ڪو قانون (Animal Act) پاس ڪرائي سگهجي.

# ”انمول“ ضلعي جيڪب آباد جي هِڪ مثالي ايل.ايس.او

مسرت ابڙو
خزانچي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”انمول“
ضلعو جيڪب آباد

ٻار جيڪي مستقبل جا معمار آهن، انهن جي صحيح تربيت ڪندي ”عورتون ئي سماج جون حقيقي تعمير ڪندڙ آهن“. پر اسان جي ٻهراڙين جون عورتون بنيادي سهولتن کان گهٽو ڏور حياتي گذاري رهيون آهن. انهن ٻهراڙي جي عورتن جي حياتي ۾ بهتري آڻڻ لاءِ سنڌ حڪومت جو يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام (UCBPRP) ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي بهترين ڪارڪردگي آهي، جنهن جي ذريعي غربت گهٽائڻ لاءِ غريب ماڻهن جي صلاحيتن ۾ بهتر اضافو ڪيو ويو آهي ۽ اهو سلسلو جاري آهي. هن پروگرام (UCBPRP) جو مقصد سماجي تحرڪ (Social Mobilization) ذريعي ڳوٺاڻين عورتن جي معيار زندگيءَ کي بهتر ڪرڻ آهي، خاص ڪري اهي جيڪي غربت جي لڪير کان ٻه هيٺ زندگي گذاري رهيون آهن. هن پروگرام تحت ڳوٺاڻين عورتن کي، ڳوٺاڻي ۽ يونين ڪائونسل سطح تي تنظيمن جي صورت ۾ منظم ڪرڻ آهي.




ضلعي ۽ تعلقي جيڪب آباد جي يونين ڪائونسل دستي ۾ سرسو پاران تنظيمن جوڙڻ جي شروعات 2010ع ۾ ڪئي وئي ۽ هن وقت تائين يونين ڪائونسل دستي ۾ پاڙي وارين تنظيمن جو تعداد 173، ڳوٺاڻي تنظيمن جو تعداد 50، بزرگ دوست تنظيمن جو تعداد 04 ۽ هڪ LSO ”انمول“ جيڪا 2013 -10-31 جوڙي وئي آهي. هن ايل ايس او جي جنرل باڊي جي ميمبرن جو تعداد 54 ۽ بورڊ جي ميمبرن جو تعداد 09 آهي.ايل ايس او انمول ۾ شامل 27 ڳوٺاڻيون تنظيمون آهن. هيءَ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن سوشل ويلفيئر ڊپارٽمنٽ کان رجسٽرڊ پڻ ٿيل آهي.

ايل ايس او انمول جو اڪائونٽ يو بي ايل بئنڪ (برانچ) جيڪب آباد ۾ کليل آهي. لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”انمول“ جي چيئرپرسن منظوران، مسرت ابڙو ۽ سندن ساٿين جي جاکوڙ ۽ عورتن جي ڀلائي واري جذبي تحت سرسو ۽ ٻين ادارن کان ڪيترا ئي ڪم پنهنجي يونين ڪائونسل جي مختلف ڳوٺن ۾ رهندڙ غريب ماڻهن جي بهتري لاءِ ڪرايا آهن. اهو سڀ ڪجهه ايل.ايس.او انمول جي باهمت عورتن جون ڪوششون ۽ سچي دل سان ڪيل محنتن جو نتيجو آهي، جنهن سبب شڪي ستابي ٻهراڙي واري خواب جي ساڀيان وارو سفر جاري آهي.

❖ **سرسو ۽ حڪومت سنڌ جي سهڪار سان ڪيل ڪم:**

غربت گهٽائڻ لاءِ 50 ڳوٺاڻين تنظيمن مان 22 ڳوٺاڻين تنظيمن کي ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ تحت

9.32 ملين رقم فراهم ڪئي وئي آهي، جنهن مان 771 گهراڻن ڀرپور فائدو حاصل ڪيو آهي ۽ آمدني ۾ اضافي جي امداد 40 گهراڻن کي ڏني وئي آهي جنهن جي ڪل رقم -/578000 روپيه آهي.

**گهٽ قيمت وارن گهرن جي فراهمي:** يونين ڪائونسل دستي ۾ گهٽ قيمت تي گهر جوڙائڻ واري سرگرمي ڏاڍي شاندار هئي. LSO جي سطح تي سرسو جي مختلف پروگرامن مان فائدو حاصل ڪندي يونين ڪائونسل دستي ۾ هن سرگرميءَ تحت ڪميونٽي جي انهن تمام گهڻي غريب گهراڻن کي گهر ڏنا ويا جيڪي ڪکاون اجهن ۾ زندگي گذاري رهيا هئا تن کي گهٽ قميت وارن گهرن جي اسڪيم تحت پڪا گهر فراهم ڪيا ويا آهن، جو ته انهن کي هڪ محفوظ ۽ سٺي گهر جي سخت ضرورت هئي. انهيءَ اسڪيم تحت 331 گهراڻن کي گهٽ قيمت وارا گهر تعمير ڪري انهن ئي غريب ماڻهن کي ڏنا ويا آهن.

جڏهن ته پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ 331 نوان نلڪا ۽ گندي پاڻي جي نيڪال (سينيٽيشن) جي بهتري لاءِ 331 نيون ليٽرين پڻ ٺهرايون ويون آهن.

**هنري تربيتي پروگرام:** بيحد غريب گهراڻن سان وابسطہ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي چونڊ ڪري ڪين هنري مهارتن جون تربيتون ڪرايون ويون آهن. انهيءَ هنري تربيتي پروگرام تحت يونين ڪائونسل دستي ۾ 389 نوجوان ڇوڪرن ۽ 419 ڇوڪرين کي مختلف هنري تربيتون ڪرايون ويون .IBA سکر جي سروي رپورٽ مطابق هن وقت 589 ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا 3 کان 12 هزار روپين تائين هر مهيني ۾ ڪمائي رهيا آهن.

**ٽريڊيشنل برٿ اٽينڊنٽ: دائين جي تربيت:** ڳوناٺي سطح تي اهم ڪردار دايون ئي ادا ڪنديون آهن. جو ته اسانجن ڳوٺن ۾ ويم ڪرائڻ لاءِ اوچتي پيدا ٿيندڙ صورتحال جي حوالي سان ڪا به صحت جي سهولت موجود نه هوندي آهي. انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ LSO انمول جي پليٽ فارم تان يونين ڪائونسل مان چونڊ ڪري 22 عورتن کي TBA جون تربيتون ڪرايون آهن ته جيئن ڳوٺن اندر موجود عورتن کي ڪنهن به اوچتي ويم جي تڪليف دؤران بهتر هنر سان گڏ هڪ جذبي ۽ ايمانداريءَ تحت پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي سگهن.

**ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ:** هي فنڊ ڳوناٺي سطح تي بار بار استعمال ۾ آندو وڃي ٿو. ڪميونٽي سطح تي جوڙيل فنڊ Community Investment Fund جو نظام هلائڻ جي ذميداري هڪ منظم تنظيم جي حوالي هوندي آهي ۽ اها تنظيم گهراڻن کي بغير وياج جي قرض فراهم ڪرڻ جي پابند هوندي آهي. ۽ اهو فنڊ مختلف وقتن تي فراهم ڪيو ويندو آهي ۽ خاص طرح سان ان جي استعمال کي جاچيو ويندو آهي. انهيءَ شاندار سرگرميءَ تحت يونين ڪائونسل دستي جي 771 گهراڻن ڀرپور فائدو حاصل ڪيو آهي. جيڪي هن وقت بهتر زندگي گذاري رهيا آهن.

**آمدني ۾ اضافي جي امداد:** آمدني ۾ اضافي جي امداد (IGG) ڏيڻ جو بنيادي مقصد اهو آهي ته ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهو ان قابل بڻجن جو هو پالتو مال يا زراعت جي مد ۾ مختلف شيون خريد ڪري سگهن. يونين ڪائونسل دستي ۾ 40 گهراڻن کي ڪل رقم 578000 آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ IGG تحت ڏني وئي آهن، جنهن رقم مان سيڙپڪاري ڪندي روزمره ۾ بهتر آمدني حاصل ڪري رهيا آهن.

**بزنس ڊولپمنٽ گروپ :** هنري سکيا حاصل ڪيل عورتن جي محنتن سان ٺاهيل هنري سامان جي وڪري لاءِ روزگار جي ترقي جا 04 گروپ ٺاهيا ويا آهن. جنهن ۾ يونين ڪائونسل دستي جي چئن ڳوٺن جون عورتون شامل آهن ۽ ڪل ميمبرن جو تعداد 74 آهي. لوڪل سپورٽ آرگنائزيشن "انمول" جا چارئي BDGs مختلف قسمن جا هنري سامان ٺاهي، سرسو پاران لڳندڙ مختلف نمائشن ۾ پنهنجي هٿن سان ٺاهيل سامان وڪري لاءِ رکيو ويندو آهي. اهڙي طرح روزگار جي ترقي واري گروپس جون ميمبر عورتون بهتر آمدني حاصل ڪري پنهنجي گهر جي چرخي هلائڻ ۾ ياڳي پائيوار ٿين ٿيون.

**صحت جي نظام کي سگهارو بڻائڻ جو عمل :** پنهنجي لاڳاپيل يونين ڪائونسل ۾ صحت جي نظام کي سگهارو بڻائڻ لاءِ 0-23 مهينن جا 1876 ٻار رجسٽرڊ ڪرايا ويا آهن. ۽ انهن مان 1842 ٻارن کي ٽڪا پڻ لڳرايا ويا آهن. ان سان گڏوگڏ 701 حمل واري عورتن جي رجسٽريشن ڪرائي وئي آهي. جنهن مان 683 عورتن کي ٽڪا لڳرايا ويا آهن. جڏهن ته سرسو ۽ يو.ايس.ايڊ جي HCC پروجيڪٽ تحت يونين ڪائونسل ۾ ماءُ ٻار جي صحت لاءِ ڪم ڪندڙ 10 ڪميونٽي هلٿ ورڪرز جي چونڊ ڪئي وئي آهي. جيڪي يو سي ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي بهتري بابت آگاهي مختلف ڳوٺڻ ۾ ڦهلائي رهيون آهن.

❖ مختلف ادارن سان رابطاڪاري ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيل ڪم:

- سرسو طرفان شهيد بينظير يٿو يوٿ ڊولپمينٽ BBSYD جا سکيا مرڪز ڪولي 40 ڇوڪرين کي هنري سکيا ڏني وئي.
- DEV CON ڊيوڪان اداري طرفان 40 ڇوڪرن ۽ ڇوڪرن کي هنري سکيا ڏياري وئي.
- يونين ڪائونسل سيڪريٽري ڪان 40 پيدائشي سرٽيفڪيٽ ۽ 50 نڪاحناما ٺهرائي ڏنا ويا.
- نادرا ڪان 230 عورتن کي نوان شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏنا ويا آهن.
- بينظير ڪارڊ سينٽر تان 35 غريب عورتن کي ڪارڊ وٺي ڏنا ويا آهن ۽ اهي وظيفو پڻ وٺي رهيون آهن.
- يونين ڪائونسل دستي ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن 1400 ٻوٽا پوڪرايا آهن.
- پوليو مهم ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز سان ايل ايس او انمول جون ميمبر تعاون ڪنديون آهن.
- اداري Save the Children سان گڏجي فيملي پلاننگ بابت آگاهي سيشن پڻ ڪرايا ويا آهن.
- انساني حقن جي باري ۾ تربيت ۽ CSSP پروجيڪٽ تحت ڳوٺن ۾ مختلف آگاهي سيشن ڪرايا ويا آهن.




ان ڪان علاوه لوڪل سپورٽ آرگنائزيشن انمول کي Sindhi Association of North America (SANA) طرفان عورتن جي نمائندگي ڪرڻ ۽ بهترين ڪارڪردگي جو ايوارڊ پڻ ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ يونين ڪائونسل ۾ صحت جي نظام کي سگهارو بڻائڻ ۾ HSSP ٽيم جي معاونت ڪرڻ تي ايل.ايس.او (LSO) انمول جي چيئرپرسن مسرت ابڙو کي بهترين ڪارڪردگي ايوارڊ پڻ ڏنو ويو آهي. تازوئي اسلام آباد ۾ RSPN ريٽريٽ RSPN Retreat 2016 جي تقريب ۾ ايل.ايس.او "انمول" جي پريزنٽيشن (Presentation) ڏني. ايل.ايس.او انمول جون سيئي ميمبر عورتون پُرعزم آهن ۽ وڌ ڪان وڌ پنهنجي يونين ڪائونسل جي غريب ۽ بي پهچ عورتن جي مدد ڪرڻ لاءِ جاڪوڙي رهيون آهن. سندن ڪوشش آهي تہ سرسو ۽ ٻين مختلف ادارن سان ملي ڪري يونين ڪائونسل دستي لاءِ پروجيڪٽ آڻجن تہ جيئن وڌ ۾ وڌ پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ ترقياتي ڪم ٿي سگهن تہ جئين يونين ڪائونسل مان غربت جو مڪمل خاتمو آڻي سگهجي.



# مسمات مهناز جي ڪهاڻي اُن جي زباني

لالڻ ڏهر
متحرڪ ڪارڪن - لکي ضلع شڪارپور.

اڄ جي هن معاشري ۾ جتي عورت کي گهٽ سمجهڻ ۽ جيڪڏهن عورت ڪم ڪري ٻه ته ان جي ڪم ڪار ۾ رنڊڪون وجهڻ ۽ ان کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ جون لکين ڪوششون ٿينديون هجن، اتي جيڪڏهن ڪائي عورت همت نه هاري ۽ پنهنجي ڪم کي جاري رکندي هن دؤر جي ظالم ماڻهن سان مهاڏو اٽڪائي ڪنهن به مرد کان وڌيڪ طاقتور جذبو رکندي پنهنجي ماروئڙن لاءِ ڪم ڪندي ڪاميابيءَ جو سفر جاري رکندي پنهنجو ۽ پنهنجي يونين ڪائونسل جو نالو روشن ڪيو هجي. ان تي يونين ڪائونسل جا ماڻهو پنهنجو پاڻ ناز ڪندا هجن ته ُاها آهي مسمات مهناز.

مسمات مهناز پنهنجو احوال اوريندي چيو ته: ”جڏهن اسان ننڍڙا هئاسين ته اسان جو بابا مزدوري ڪري اسان جو پيٽ پاليندو هو ۽ ڪمائڻ وارو به هڪڙو ئي هو. جڏهن منهنجا يائر اسڪول ويندا هئا ته منهنجي به دل چوندي هئي ته جيڪر مان به اسڪول وڃان ۽ ڪجهه پڙهان پر ان وقت نياڻين کي پڙهائڻ جو رواج به نه هو ۽ ماڻهو نياڻيءَ کي پڙهائڻ واري کي طعنا ۽ مِهڻا ڏيندا هئا. جنهن ڪري بابا مون کي ُپڙن کان به وڌيڪ پيار ڏيڻ جي باوجود پڙهائي نه سگهيو“.



اسان اڃان وڏا مس ٿياسين ته بابا وفات ڪري ويو ۽ اسان جي گهر جو ٻلهو به سهي نه پئي ٻريو ۽ ايتري تائين جو منهنجي شادي لاءِ به منهنجي يائرن وٽ ايترو نه هو جو ُهو منهنجي شادي جو بندوبست ڪن. پوءِ به غريبي حال ۾ منهنجي شادي ڪرائي وئي. منهنجو مڙس مزدوري ڪندو هو پر اوچتو اهو به بيمار ٿي پيو ۽ ُهن کي ڪامڻ تي پيو جنهن ڪري ُهن جو مزدوري ڪرڻ به ڏکيو ٿي پيو ۽ گهر جو سمورو بار منهنجي مٿان اچي پيو. مان رليون ناهي ۽ ڪجهه سلائي ڪري گهر جو ڪارونهوار هلائڻ شروع ڪيو.

مان روزانو جيتري به مزدوريءَ مان ڪمائيندي هيس ان مان گهر جو خرچ به ڪندي هيس ۽ ڏکئي وقت لاءِ هڪ ياندارو ورتم جنهن ۾ ٿورا ٿورا پئسا رکندي هيس ۽ مڙس جو علاج به هلندو رهيو ۽ اهڙي ڏکئي وقت ۾ مِٽ مائٽ به اچڻ وڃڻ ڇڏيا ويا ۽ ڪنهن به مدد ڪانه ڪئي. الله سائين جي آسري تي پنهنجو گهر جو گذارو ڪندي رهيس.

جڏهن 2009ع ۾ ضلعي شڪارپور ۾ سرسو غربت جي درجابندي واري سروي شروع ڪئي ته اسان جي ڳوٺ رستم جي به سروي ٿي. جڏهن ڪميونٽي تنظيم (CO) ۽ ڳوناٽي تنظيم (VO) ناهڻ جو وقت آيو ته اسان جي ڳوٺ مان ڪير به ماڻهو سرسو وارن سان تعاون ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. ڇوته ان وقت اسان جي علائقي ۾ ڪنهن به عورت جو ٻاهر نڪرڻ ۽ ڪنهن اداري سان ڪم ڪرڻ کي غلط سمجهيو ويندو هو ۽ عورت کي رڌ، ٻڪري سمجهي ان سان جانورن جهڙو سلوڪ ڪيو ويندو هو.

سرسو اداري جي ٽيم اسان جي ڳوٺ ايندي رهي هڪ ٻه چڪر واپس ٿيڻ کان پوءِ مان پنهنجي مڙس سان صلاح ڪئي ته جيڪر منهنجي اداري سان ڪم ڪرڻ سان ڪنهن غريب جو ڀلو ٿي پئي ته سٺو آهي. ڇوته اسان پاڻ به غريب آهيون. اسان کي پنهنجي حال جي خبر آهي. پهريان ته منهنجي مڙس انڪار ڪيو پر پوءِ چيائين ته ٺيڪ آ تون ڪم ڪر، ته جيئن ڪنهن غريب کي فائدو ٿئي.

مان مختلف گهرن ۾ عورتن سان گڏجاڻيون ڪري، انهن جي مردن کي ان ڳالهه تي راضي ڪيو ته هو به اسان سان گڏ ڪم ڪنديون. ائين مان تنظيم جوڙائي ورتي ۽ ان ۾ خزانچي چونڊيس ۽ اداري سان گڏجي گڏجاڻيون ڪندا رهياسين. بعد ۾ پنهنجي VO لاءِ قرض منظور ڪرايو ۽ انهن ماڻهن مون کي دعائون ڏيڻ شروع ڪيون جن پهريان منهنجي ڪم ڪرڻ تي اعتراض پئي ڪيا ۽ منهنجي رستي ۾ ڪنڊا وڇائيندا رهيا ڇوته جڏهن انهن کي CIF مليو ته هنن کي ان مان گهڻو فائدو پيو. ڇوته جيڪي ماڻهو وياج تي قرض ڪڻندا هئا انهن کي وياج ڀرڻ مان جند آجي ٿي وئي. هنن ماڻهن کي اهڙو ادارو ۽ اهڙو قرض اڳ ۾ نه مليو هو.



جڏهن LSO ٺهڻ جو وقت آيو ته مون سوچيو ته هاڻي مان به جيڪر ڪوشش ڪري پوري يونين ڪائونسل جي ماڻهن جي خدمت ڪيان. پوءِ مان به LSO ٺهڻ واري گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي ۽ سيني ڳوٺن جي ماڻهن مون تي اعتماد ڪري مون کي LSO جو خزانچي چونڊيو. اهو بار منهنجي لاءِ تمام گهڻو هو پر سرسو اداري جي ساٿين جي همت افزائي ۽ VOs جي ساٿي عورتن جي اعتماد مون کي طاقت ڏني ۽ مون خوشيءَ سان پوري يونين ڪائونسل لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ڪيترن ئي غريبن کي گهرن جون اسڪيمون، نلڪا ۽ ڪن کي وڇيون وٺي ڏيڻ جهڙا فائدا ڏياريا ۽ ائين ئي پنهنجي ماڻهن جي همت افزائي مونکي ايترو مضبوط ڪيو جو مان ڪجهه ايوارڊ به حاصل ڪيا ۽ سرسو جي مهرباني سان اسلام آباد، بهاولپور، ڪراچي ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ پروگرامن ۾ شرڪت پڻ ڪئي آهي. جتي پنهنجي علائقي ۾ ٿيل ڪمن ڪارن بابت به حال احوال اوريا.

جڏهن اسان جي تعلقي لڪيءَ جي LSO جو نيٽ ورڪ تيار ٿيڻ جي ڳالهه ٿي ته مان به پنهنجي LSO جي پاران ان ۾ شرڪت ڪئي ۽ اتي به سيني LSOs جي نمائندن مون تي اعتماد ڪندي مونکي ”LSO خوشحال نيٽ ورڪ“ جي خزانچي طور چونڊيو. تڏهن مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي ته هاڻي مونکي پنهنجي تعلقي لڪي جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ملي ويو آهي. ائين اسان خوشحال نيٽ ورڪ جي پليٽ فارم تان پوري تعلقي ۾ ”سيو دي چلڊرين“ کان ڪيترن ئي ڳوٺن کي روڊ، ناليون، ماءُ ۽ ٻار جي صحت تي ڪم ڪيو. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس ۾ انهن سان ملي ڪري ڪيترين ئي غريب عورتن کي ATM ڪارڊ ٺهرائي ڏناسين. سرڪاري ۽ نجي ادارن سان ملي ڪري بند پيل اسڪول

ڪولراياسين ۽ تعليم بابت پروگرام منعقد ڪرائي اسڪول کان ٻاهر گهمندڙ ٻارڙن کي اسڪولن ۾ داخل ڪراياسين ۽ جتي پوليو جون ٽيمون نہ پئي پهچي سگهيون، اسان پاڻ اتي وڃي پوليو جا ڦڙا پيئارياسين.

ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ۽ مختيارڪار لکيءَ سان ملي ڪري برساتن ۽ ڏڪئي وقت تي ڪيترن ئي ماڻهن جي خوراڪ ۽ ٻيا ڪيترائي مسئلا حل ڪرايا آهن. اسان جي علائقي ۾ جتي جهيڙا جهڳڙا هلندڙ هئا ۽ ماڻهو گهرن تائين محدود رهجي ويا هئا، ٻنيون ٻارا بنجر ۽ ويران لڳا پيا هئا. ماڻهو بنا روزگار جي گهرن تائين محدود ٿي ويا هئا ۽ انهن جا ٻچا بکون ڪاٽي رهيا هئا ۽ سندن جون ڪيتريون ئي عورتون ويم جي حالت ۾ شهرن تائين نہ پهچي سگهيون ۽ زندگيءَ جي جنگ هارائي ويٺيون هيون. اتي خوشحال نيٽ ورڪ جي پليٽ فارم تان ڌرين جي چڱن مڙسن سان ميڙ منٿ جي صورت ۾ مِلي ُلهي جهيڙا ختم ڪرايا ۽ ماڻهن سک جو ساھ کنيو ۽ بيروزگار پنهنجي روزگار سان لڳي ويا ۽ ويران ٿيندڙ زمينون ٻيهر آباد ٿيڻ لڳيون.



مهناز ٻڌايو تہ هاڻي غريب ماڻهن جي خدمت ڪندي ڏاڍو خوش ٿيندي آهيان. ڇوتہ مون کي خبر آهي تہ غريبيءَ ۾ انسان ڪيترو مجبور ۽ لاچار هوندو آهي ۽ ڪهڙي نہ خراب حالت ۾ زندگي گذاري ٿو.

سرسو اداري جي جفاڪش ٽيم جي بدولت اسان جي ماڻهن ۾ شعور آيو آهي تہ هڪ ٻئي جي مدد ڪيئن ڪبي آهي ۽ بچت ڪرڻ مان ڪهڙا ۽ ڪيترا فائدا آهن. هاڻ ماڻهو سرسو جي بنا وياج قرض کان پوءِ وياج جهڙي عذاب کان بہ آجا ٿي ويا آهن ۽ جن ماڻهن ۾ عِلم حاصل ڪرڻ جي سمجهہ نہ هئي ُلهي بہ هاڻي پنهنجن ٻارڙن کي علم جهڙو زيور حاصل ڪرڻ لاءِ اولاد کي اسڪول ۾ داخل ڪرائي رهيا آهن. مان پاڻ علم جي الف ب کان بہ واقف نہ هئس ۽ هاڻي پڙهيل لکيل ٻين عورتن کي ڏسي مان پاڻ بہ ڪتاب پڙهان ٿي ۽ هاڻي سنڌي لکي ۽ پڙهي ويندي آهيان ۽ پنهنجي ٻارڙن جي تعليم تي پڻ تمام گهڻو توجهہ ڏئي رهي آهيان.



مسمات مهناز چيو تہ جيڪڏهن سرسو اداري وانگي ٻيا ادارا بہ محنت ۽ سچائيءَ سان ڪم ڪن تہ غربت ۽ جهالت اسان جي ملڪ مان ئي ختم ٿي ويندي.

# لوڪل سپورٽ آرگنائيشن (LSO) لونگ پٽي جي ڪارڪردگي

نسرين نوناري
ڊسٽرڪٽ مئنيجر - سرسو ضلعي آفيس سکر.



هر انسان پنهنجي لاءِ جيئندو آهي پر چوندا آهن ته بهتر انسان اهو آهي جيڪو ٻين ڪاڻ جيئي **(خيرالناس من ينفع الناس)** ۽ اهوئي انسان هميشه لاءِ زنده رهندو آهي غريبن جي دلين ۾، مسڪينن جي دعائن ۾، ڇوته جيڪو انسان ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي ان کي هميشه سٺن لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو آهي. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ۾ ڪم ڪندڙ عملو غريبن جي لاءِ ڪم اچڻ وارو جذبو رکي ٿو. سرسو جي سموري ٽيم هروقت غريب ماڻهن لاءِ هرممڪن ڀلائي جي ڪم ۾ مصروفِ عمل آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو ان جا اثر تنظيمن جي شڪل ۾ بلڪل واضع ۽ چٽا نظر اچن ٿا. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ڪامياب ڪارڪردگيءَ جي بدولت ئي غربت گهٽائڻ ۾ غريب ۽ ٻي پهچ ماڻهن جي هنري صلاحيتن ۾ بهتر اضافو ٿيو آهي. ۽ اهو سلسلو جاري آهي. مقصد ته سماجي جاڳرتا ۽ هنري سکيا ذريعي ڳوٺاڻين عورتن جي معيار زندگي کي بهتر ڪرڻ آهي. خاص ڪري اهي جيڪي غربت جي لڪير کان ٻه هيٺ واري زندگي گذاري رهيون آهن. انهيءَ سلسلي ۾ يونين ڪائونسل لونگ پٽي ۾ ڳوٺاڻين عورتن کي پاڙي سطح (CO)، ڳوٺاڻي سطح (VO) ۽ يونين ڪائونسل سطح (LSO) جي صورت ۾ منظم ڪيو ويو آهي. جيئن ته 2009ع ۾ يونين ڪائونسل لونگ پٽي تعلقه روهڙي ضلع سکر ۾ تنظيمن جوڙڻ جي شروعات ڪئي وئي ۽ هن وقت تائين يو.سي لونگ پٽي ۾ پاڙي سطح جي تنظيمن جو تعداد 159، ڳوٺاڻين تنظيمن جو تعداد 47، ۽ هڪ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن LSO ”لونگ پٽي“ جوڙي وئي آهي جيڪا پڻ سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ کان رجسٽرڊ ڪرائي وئي آهي.

LSO لونگ پٽي جي چيئرپرسن محترمه حسن بانو آهي جيڪا پنهنجي ساٿي ميمبرن جي جفاڪشي ۽ بي لوث خدمت ۽ جذبي تحت سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ۽ ٻين ادارن کان ڪافي سارا ڪم پنهنجي ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل جي مختلف ڳوٺن ۾ غريب ماڻهن جي بهتري لاءِ ڪرايا آهن، ۽ اهو سلسلو جاري آهي.

## LSO جي پليٽ فارم تان ورتل فائدا



**ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ:** سڀ کان وڏيڪ جيڪو اهم ڪم سرانجام ڏنو ويو اهو آهي يونين ڪائونسل سطح تي هڪ اهڙي فنڊ جو بنياد وجهڻ جنهن سان ان فنڊ جو ڳوٺاڻي سطح تي بار بار استعمال ڪيو وڃي. ڪميونٽي سطح تي جوڙيل فنڊ Community Investment Fund (CIF) جو نظام هلائڻ جي ذميداري هڪ LSO جي حوالي آهي. اهو فنڊ مختلف وقتن تي فراهم ڪيو ويندو آهي ۽ خاص طرح سان ان جي استعمال ڪي مانيٽر چڪاس ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي استعمال جي رپورٽ سرسو ڪي مهيا ڪئي ويندي آهي. انهيءَ شاندار سرگرميءَ تحت يو.سي ۾ 325 غريب عورتن ڪي CIF ڏنو ويو آهي. ان رقم مان عورتن پنهنجا نندا نندا ڪاروبار کولي پنهنجي آمدني ۾ اضافو آندو آهي ۽ ڪافي حد تائين سندن جي گهرن ۾ سماجي توڙي معاشي بهتري آئي آهي.

**هنري تربيت:** يو.سي جي مختلف ڳوٺن ۾ عورتن ڪي سلائي ڪڙهائي جون تربيتون پڻ ڏياريون ويون آهن. ۽ ڳوٺ سوڍو خان سروري ۾ سرسو جي تعاون سان غريب عورتن ڪي بلاڪ پرنٽنگ جي سکيا ڏياري وئي، سکيا بعد انهن سمورين عورتن ڪي بلاڪ پرنٽنگ جو سمورو سامان پڻ ڏياريو ويو آهي.






**فري ميڊيڪل ڪيمپ :** مهوش ۽ جهانگير فائونڊيشن جي تعاون سان يونين ڪائونسل لونگ پٽي جي ٻن ڳوٺن ۾ مفت ميڊيڪل ڪيمپون لڳرايون ويون. جتي ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين مريضن جو مفت علاج ڪيو ۽ ڪين معياري دوائون پڻ ڏنيون ويون.

**هدايه ٽرسٽ:** LSO جي پليٽ فارم تان بيواهه عورتن ڪي هر مهيني 2000 وظيفو ۽ جيڪي ٻار اسڪول ۾ داخل آهن. في ٻار ڪي 1000 رووپيه پڻ ڏياريا ويا آهن. گڏوگڏ هر عيد تي هدايه ٽرسٽ کان غريب گهراڻن ۾ عيد جو راشن ۽ لٽا ڪپڙا پڻ وٺي ڏنا ويندا آهن.

**ماري اسٽوپس سوسائٽي:** جي سهڪار سان يونين ڪائونسل جي غريب عورتن جا مفت ويم ڪرايا ويندا آهن. ان کان علاوه خانداني منصوبه بندي جي حوالي سان عورتن جو مفت معائنو ۽ دوائون پڻ وٺي ڏنيون ويندون آهن. جنهن مان يو.سي جي ڪافي غريب عورتن ڪي فائدو پهچي چڪو آهي.

**شناختي ڪارڊ :** LSO جي چيئرپرسن حسن بانو ۽ سندس ساٿي عورتن ڪيترائي ڀيرا نادرا (NADRA) کان گاڏي گهرائي يو.سي جي مختلف ڳوٺن ۾ عورتن ڪي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏنا آهن. دنيا ۾ جتي به انقلابي سج اڀريا آهن، اتي عورتن پنهنجو ڀرپور ڪردار نڀايو آهي. اسان جي جي ڪوشش آهي ته يو.سي ۾ عورتن جي صلاحيتن جي ذهني جاڳرتا ڪندي، اڀاريون ته جيئن ملي ڄلي ڪري هنري، مهارتون حاصل ڪيون ته جيئن گهر گهر ۾ ننڍي انڊسٽري قائم ٿي سگهي ۽ غربت مان نجات حاصل ڪندي خوشحال ۽ سکي زندگيءَ ۾ ساهه کڻي سگهون.



# ڏک سُکن جي سُونهن

بابرجاگيراڻي
جيڪب آباد MER پروگرام آفيسر

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو بيت آهي ته "ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ريءَ" عاقلا بيبي جي زندگي پڻ ڏکن سکن جو ميلاپ رهي آهي. عاقلا بيبي جيڪب آباد شهر کان ٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڳوٺ عبدالعزيز خاراني يونين ڪائونسل رندواهي جي رهواسڻ آهي. ڇٽيهه ورهين جي عاقلا بيبي کي پنج ٻارن جو اولاد آهي. جنهن ۾ ٻه پٽ ۽ ٽي ڌيئر آهن. انهن مان هڪ ڌيءَ ۽ ٻه پٽ روزانو اسڪول پڙهڻ وڃن ٿا. عاقلا بيبي ٻڌايو ته سندس مڙس عبدالجليل رائيس مل ۾ چوڪيدار هو. سندن زندگي شڪي ستابي گذري رهي هئي. سال 2012ع جي سانوڻيءَ وارين برساتن ٻوڏ جي شڪل اختيار ڪئي ۽ اسان جي سڪي گهراڻي جون سموريون خوشيون لوڙهي ڇڏيون. برساتي ٻوڏ جي تباهه ڪارين ۽ اوچتو عبدالجليل تي "هيپاٽائٽس سي" جي حملي جڻ ته اسان جي جيئڻ جي اميد ئي ڪسي ڇڏي.
پر دنيا ۾ ڪجهه اهڙيون باهمت ۽ باحوصلا عورتون هونديون آهن جيڪي هرمشڪل گهڙيءَ ۾ همت ناهن هارينديون، اهڙين بهادر عورتن مان هڪ عاقلا بيبي پڻ آهي. جنهن همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺندي، پنهنجي وس آهر محنت ڪري گهر جو چرخو هلائڻ ۾ ڪافي بهتر ڪردار ادا ڪيو.
جڏهن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن "سرسو" يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام سنڌ حڪومت جي مالي تعاون سان جيڪب آباد ۾ شروع ڪيو. هن پروگرام شروع ڪرڻ جو مقصد ئي اهو آهي ته غريب عورتن کي منظم ڪري تنظيمي مالها ۾ مڙهي کين غربت جي لڪير کان مٿي آڻجي. پروگرام ۾ عورتن کي ننڍي پئماني تي بنا وياج جي قرض ڏنو پئي ويو ته جيئن هي بي سهارا ۽ بي پهچ عورتون ان رقم جو بهتر استعمال ڪندي مال مويشي يا ننڍي پئماني جو روزگار ڪري پنهنجي گهر ۽ خاندان جي آمدنيءَ جو ذريعو بڻجي سگهن ۽ ڪنهن جي آڏو هٿ نه ٽنگين.
تنظيم جي گڏجاڻي ۾ عاقلا قرض جي گهر ڪئي ۽ هڪ قرارداد لکي اداري کي ڏنائين جنهن بعد عاقلا کي ننڍي پئماني تي بنا وياج جي پندرنهن هزارن جو قرض ڏنو ويو. عاقلا بيبي ڏهه هزار پنهنجي ميڙي چونڊي (بچت) ملائي ڪري -/25,000 ۾ فرج خريد ڪئي ۽ ان فرج ۾ ڳوٺ سطح تي جوس، شربت ۽ ننڍين ٻارن لاءِ ڪنڊ کي پاڻي ۾ ملائي ٿڌا ڳنڊيا ٺاهي وڪڻڻ شروع ڪيا. ان طريقي سان عاقلا پنهنجي گهر جي چرخي هلائڻ لاءِ ننڍي پئماني تي روزگار جي شروعات ڪئي.جنهن مان کيس روزانه تقريباً 200 کان 250 رپين جي بچت ٿيڻ لڳي. ان بچت مان عاقلا پنهنجي پاڙي ۾ وي سي رکي. عاقلا روزانه ڪاميٽي جا پئسا به ڏيندي رهي ۽ پنهنجي گهر جو گذرسفر به هلائيندي رهي. اهڙي طريقي سان هڪ سال پوري ٿيڻ تي آساني سان پهرين مرحليوارو قرض واپس ڪيو. عاقلا جڏهن قرض واپس ڪيو ۽ شڪر ڪيو ته هاڻي مون وٽ پنهنجي هڪ فرج ٿي پئي. ٻئي مرحلي جو قرض وٺڻ کان پوءِ عاقلا اهڙو پئي ڪاروبار ڪرڻ چاهيو جيڪو گهر ويٺي ڪرڻ سان گڏ سندس جي مزاج مطابق هجي. تنهن ڪري عاقلا ٻئي مرحلي ۾ قرض جي مليل رقم ۾ پنهنجا پنج هزار ملائي 20000 هزارن جا مختلف ڊزائينن جا ڪپڙن تي پرت جا ٺپا (اسٽيمپس) ڪراچيءَ مان وٺي ڪري. گهر ويٺي اوڙي، پاڙي جي عورتن جي ڪپڙن، وهاڻن جي چون ۽ چادرن وغيره تي مختلف قسم جون سهڻيون ۽ وڻندڙ ڊزائينون ڇٽي ڏئي ٿي. جنهن سان سندس جي سٺي آمدني ٿئي ٿي. عاقلا ٻڌايو ته هي ڪاروبار هن جي پسند جو ڪاروبار آهي ۽ ان ڪاروبار مان هوءَ اندازن 500 رپيا روزانو ڪمائي ٿي. ان ڪاروبار ڪرڻ سان آمدني به وڌي آهي ۽ اسان جي رهڻي ڪهڻي ۾ ڪافي فرق آيو آهي. جڏهن ته هن ڪاروبار جي وڻندڙ ڳالهه اها آهي ته هي ڪاروبار ڪنهن خاص موسم جو محتاج ناهي.

**CO، VO ۽ LSO ۾ ڪردار**

سرسو پاران ڳوٺ عبدالعزيز خاراني ۾ 9 پاڙن جون تنظيمون ناهيون ويون، عاقلا کي پنهنجي پاڙي جي تنظيم جي صدر طور چونڊيو ويو. عاقلا جي پاڙي جي تنظيم ۾ ڪامياب شرڪت تي کيس ڳوٺ عبدالعزيز خاراڻي جي ڳوٺاڻي تنظيم جي ماليات جي سيڪريٽري چونڊيو ويو. ان کان پوءِ عاقلا جي ڪامياب سرگرميون ڪرڻ تي کيس يونين ڪائونسل سطح جي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن "الخدمت" جي جنرل باڊي جي ميمبر پڻ چونڊيو، اهو عهدو به عاقلا ڪاميابي سان سرانجام ڏئي رهي آهي. جڏهن ته ڳوٺ جي عورتن جي تنظيم ۽ عاقلا جي ڪاوشن جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته ڳوٺ عبدالعزيز خاراڻي ۾ SRSO ۽ USAID جي سهڪار سان ڇوڪرين جا 2 غير رسمي تعليمي سينٽر کوليا ويا آهن جيڪي ڪاميابيءَ سان هلي رهيا آهن.

**حاصل مقصد**

ڳوٺاڻي عورت ۾ سربراهي ڪرڻ جون ڀرپور صلاحيتون موجود آهن، جيڪڏهن عورت کي انهن صلاحيتن کي ثابت ڪرڻ جا موقعا ڏنا وڃن ته هو گهر، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل جي سطح تي پاڻ مڃرائي سگهي ٿي. پنهنجي گهراڻي سان گڏ ٻين جي مدد پڻ ڪري سگهن ٿيون، جنهن وسيلي اهڙي تبديلي نمايان ٿئي ٿي جنهن جو هر ڪو منتظر هجي ٿو.

# گهوٽڪيءَ جي ايل.ايس.او "سُنهري روشني" جي ڪارڪردگي

وزير علي ميراڻي
يونٽ انچارج سرسو آفيس گهوٽڪي

سرسو پاران منظم ڪيل ڳوناڻين تنظيمن جي محنت ۽ جاکوڙ ذريعي عاليشان داستان رقم ڪيا آهن، جنهن جو هڪڙو مثال گهوٽڪي جي LSO "سنهري روشني" جو پڻ آهي.

سرسو (SRSO) ۽ پاڪستان مان غربت گهٽائڻ واري پروگرام (PPAF) گهوٽڪي ضلعي ۾ غربت گهٽائڻ لاءِ بي پهچ ۽ مستحق عورتن کي تنظيمي سطح تي منظم ڪندي ڪين هنري صلاحيتن ۾ ڪافي اضافو ڪيو آهي، ته جيئن اهي غريب گهراڻا غربت جي چنبي مان آجا ٿي هڪ عزت واري زندگي گذاري سگهن. سرسو جي محنتي ڪارڪنن، عورتن ۾ سماجي جاڳرتا پيدا ڪندي ڪين معاشي سطح تي پاڻ پرو ڪندي هنري سکيائون ڏياري معيار زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ ڏينهن رات عملي طور عمل پيرا آهن.







جيئن ته 2004ع ۾ يونين ڪائونسل پيٽور ضلعي گهوٽڪي ۾ تنظيمن جوڙڻ جي شروعات ڪئي وئي ۽ هن وقت تائين يونين ڪائونسل پيٽور تعلقہ خانگڙھ ۾ پاڙي وارين تنظيمن جو تعداد 298،ڳوناڻين تنظيمن جو تعداد 75 ۽ هڪ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن "سنهري روشني" جوڙي وئي آهي. لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن سنهري روشني جي چيئرپرسن آمنہ خاتون ۽ سندس ساٿي عورتن جي جذبي تحت سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ۽ پي.پي.اي.ايف جي سهڪار سان ڪوڙ سارا ڪم پنهنجي ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل جي مختلف ڳوٺن ۾ رهندڙ غريب عورتن جي بهتري لاءِ ڪرايا آهن. LSO سنهري روشني جي محنتي عورتن جي محنتن ۽ ڪاوشن ڪي ڄڻ هجي، جيڪي غريب عورتن لاءِ جاکوڙي رهيون آهن ۽ اهو سلسلو اڄ به جاري و ساري آهي.

**لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران ورتل فائدا.**

**ڪميونٽي روزگار فنڊ** (Community Livelihood Fund) ڪميونٽي آرگنائيزيشن ڳوٺاڻين تنظيمن جي لاءِ هي هڪ فنڊ آهي. LSO ”سنهري روشني“، سرسو ۽ PPAF ڪان CLF پروگرام 2013 ع ۾ منظور ڪرايو جنهن تحت -/11,79000 جي رقم يونين ڪائونسل پيٽور جي 60 انتهائي غريب عورتن کي ڏني.

هن قرض جي ڏيڻ جو مقصد اهو آهي تہ ٻهراڙين ۾ رهندڙ عورتون جيڪي منظم ٿيل هجن ۽ جن جي غربت جي درجا بندي جو اسڪور 18-0 تائين هجي.






CLF انهيءَ ئي مقصد لاءِ شروع ڪيو ويو آهي، هن نظام کي هلائڻ جي ذميواري LSO جي حوالي آهي ۽ LSO، 18-0 اسڪور جي گهراڻن کي وياج کان بغير واري قرض فراهم ڪرڻ جي مجاز پڻ آهي، اهو فنڊ مختلف وقتن تي فراهم ڪيو ويندو آهي ۽ خاص طرح سان ان جي استعمال کي سرسو، ايل.ايس.او ۽ وي.او طرفان مانيٽر ڪيو ويندو آهي.

**ڪپهہ اپائيندڙ علائقن ۾ ٻارڙن جي حقن جو تحفظ وارو پراجيڪٽ** (CRCFA) گهوٽڪي ضلعي ۾ سرسو - يونيسيف (UNICEF) جي سهڪار سان جڏهن هي پراجيڪٽ شروع ٿيو تہ LSO سهنري روشني جي عورتن ان مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ جو پلان جوڙيندي يونين ڪائونسل پيٽور ۾ پيئڻ لاءِ پاڻي جو پلانٽ، هڪ لوهي پُل ۽ ٻارن جي بهتر مستقبل ۽ تعليم لاءِ راندين جا ميدان، اسڪول جو فرنيچر، ڪمپيوٽر ليب ۽ لائبريريون جوڙايون ويون آهن تہ جيئن هتان جو هر ٻار علم جي زيور سان روشناس ٿي پنهنجي مستقبل کي روشن بڻائين ۽ پنهنجي ڳوٺن ۽ ملڪ جي خدمت ڪري پنهنجو نالو روشن ڪري سگهن.

**رابطہ ڪاري مهم :**

**ماري اسٽوپس سوسائٽي** (MARRIE STOPES SOCIETY) جي تعاون سان يونين ڪائونسل پيٽور جي 351 غريب عورتن کي فيملي پلاننگ بابت آگاهي ڏني وئي. ۽ کين مڪمل سهائتا پڻ ڏياري وئي.

- **بيسڪ هيلٿ يونٽ تعلقي خانڳڙهہ** جي ورڪرن سان گڏجي وقت بوقت يونين ڪائونسل جي ڳوٺن ۾ ريليون ڪڍيون وينديون آهن، جنهن جو مقصد 5-0 سالن تائين جي ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيئارڻ بابت آگاهي ڏيڻ آهي تہ جيئن پوليو جي موذي مرض کان بچاءَ ممڪن ٿي سگهي.
- مختلف ادارن سان رابطا ڪري، وليج ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن يو.سي پيٽور جي تمام غريب عورتن جي مدد طور، سلائي جا 04 دوڪان، موبائيل ريپيئرنگ جا 02 ۽ ڪريانہ جا 04 دوڪان ڪولرائي ڏنا ويا آهن. جنهن مان سندن جي روزمره جي آمدني بهتر ٿي رهي آهي. ۽ هو تمام بهتر زندگي گذاري رهيا آهن.

*

# رخسانہ خاتون : هڪ همٿ واري عورت

لالڻ ڏهر
متحرڪ ڪارڪن - لکي شڪارپور

يونين ڪائونسل طيب (Union Council Taib) ضلعي شڪارپور جو تمام ڏکيو علائقو ليکيو ويندو هو. جتي ڪوئي بہ ادارو يا ماڻهو پرسڪون ماحول ۾ ڪم ڪري نہ ڪري سگهندو هو. ۽ روزگار نہ هجڻ سبب ڳوٺ جو هرفرد پريشان رهندو هو. هتي ماڻهن جو روزگار صرف ۽ صرف زمين، هارپو ۽ مال مويشي هو.

جڏهن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) هن علائقي ۾ ڪم جي شروعات ڪئي تہ هرڳوٺ جيان (Village Bejlo) ڳوٺ بيجلو ۾ بہ ٽيم کي تمام گهڻيون ڏکيائيون درپيش آيون. هتان جا ماڻهو پلي جو پورهيت ۽ هاري آهن. پر، مذهبي ماڻهو هجڻ ڪري عورتن کي مردن سان گڏ ڪم ڪرڻ جا سخت مخالف رهيا آهن. سرسو جي محنتي ڪارڪنن جي مسلسل موبلائيزيشن ۽ جدوجهد ڪان پوءِ هِتي ڪم شروع ٿيو. ۽ هتي هن ڳوٺ ۾ ڪم ڪرڻ جي همت صرف هڪ عورت رخسانہ خاتون ڪئي. جيڪو هن لاءِ پڻ هڪ وڏو چئلينج هيو. رخسانہ خاتون همٿ ڪري پنهنجي مڙس ۽ ٻين مائٽن کي سمجهائي راضي ڪري ورتو ۽ ڪين چيو تہ سنڌس ڪم ڪرڻ سان جيڪڏهن سموري ڳوٺ جي عورتن جي ڀلائي ٿيندي تہ ان ۾ ڪهڙو هرج آهي. ڪافي سمجهائڻ ڪان پوءِ ڪيس مڙس ۽ مائٽن هن تي اعتماد ڪندي سرسو سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني. تنهن بعد هن ڳوٺ جي سمورين غريب عورتن کي اداري بابت ٻڌائي ڪين راضي ڪري ورتو. ان ڪان پوءِ ڳوٺ بيجلو ۾ پاڙي سطح جي پهرين تنظيم "مهراڻ" جوڙي وئي جنهن ۾ (Rukhsana Khatoon) رخسانہ خاتون صدر ٿي ۽ ڳوٺاڻين عورتن جي ڀلائي لاءِ سرسو سان گڏجي ڪم ڪندي رهي، ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ ڳوٺ سطح تي تنظيم "بيجلو" ناهي وئي جنهن ۾ پڻ هيءَ چيئرپرسن چونڊجي پنهنجي ڪم کي جاري رکيو. رخسانہ چواڻي تہ پوڪ ۽ مزدوري سيڙائي بہ سرسو ٽيم سان گڏجي ڳوٺ جي غريب عورتن کي بنا وياج قرض، مفت گهر، عورتن کي خيرات جا پئسا ۽ وڇيون بہ وٺي ڏنيون.



رخسانہ خاتون پنهنجو حال احوال ڪجهہ هن ريت ٻڌائي پئي تہ: "مان گهر ۾ توري گهڻي سلائي ڪندي آهيان ۽ منهنجو مڙس ٻين جي چنگچي (رڪشا) هلائيندو آهي، ڪڏهن روزگار ٿئيس ڪڏهن نہ، گڏوگڏ اسين پوکي راهي ڪري ٻچڙن جو پيٽ پالیندا آهيون. جنهن ڏينهن مان ڳوٺ جي ڪنهن غريب عورت جي ڀلائي خاطر سرسو آفيس ويندي هئس تہ ان ڏينهن منهنجي پاتين کي ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي ڇوتہ اسين غريب ماڻهو روز ڪمايون تہ روز کائون. پر پوءِ بہ همت ڪري ڀلائي خاطر آفيس ويندي رهيس".

هن وڌيڪ ٻڌايو: سرسو جي سينٽرن مان، مون ڪوشش ڪري ڳوٺ جي غريب عورتن کي سلائي ڪڙهائي جون تربيتون ڏياريون ۽ مون پاڻ بہ سکيا ورتي. سکيا ڪانپوءِ مون قرض جي لاءِ قرارداد لکي سرسو کي ڏني جيڪا جلد منظور ڪئي وئي ۽ مونکي -/20,000 هزار بنا وياج قرض مليو. ان مان مون هڪ برٿ پرڻ واري مشين ورتي. ڇوتہ منهنجي سرسو مان پرت پرڻ جي تربيت ورتل هئي. انهيءَ ڪري مون کي مشين هلائڻ ۾ ڪائي تڪليف ڪونہ ٿي. ۽ مون ڳوٺ ۾ پرت جو ڪم

شروع ڪيو. الله پاڪ جو شڪر آهي هن وقت ڳوٺ جون عورتون مون کان ڪپڙن تي برٽ پرائين ٿيون جنهن سان منهنجو روزگار بهتر ٿيو آهي. ۽ ڳوٺ جي عورتن کي پڻ گهر ويٺي هڪ سهولت ميسر ٿي آهي.



رخسانه ٻڌائي پئي ته: ”منهنجي ڪم ڪرڻ جي سچائي ۽ ايمانداري کي ڏسي هاڻ ڳوٺ جا ماڻهو مون تي اعتماد ڪن ٿا ۽ ڳوٺ مان ڪنهن جوبه ڪنهن سرڪاري يا غيرسرڪاري اداري ۾ ڪم پوي ٿو ته مونسان صلاح مشورا ضرور ڪندا آهن. ۽ گڏجي صلاح سان اهي مسئلا حل به ڪرائي وٺندا آهيون“.

ڳوٺاڻي تنظيم جي ساٿين جي بهتر ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ اسان سوچيو سين ته اڃان ڪجهه وڌيڪ ڪم ڪجي پوءِ اسان آس پاس جي ڳوٺن ۾ رهندڙ عورتن جي ڳوٺاڻين تنظيمن کي پاڻ سان ملائي هڪ LSO جوڙي سين جنهن جو نالو ”LSO ڪائنات“ رکيوسين. جيئن ته منهنجا عورتن جي ڀلائي خاطر ڪافي بهتر ڪم ٿيل هئا ۽ سڀني ميمبر عورتن ملي ڪري مونکي LSO ۾ خزانچي جي عهدي لاءِ چونڊيو.

هاڻي يو.سي ۾ آس پاس ڪنهن به ڳوٺ ۾ جيڪڏهن ڪو مسئلو ٿيندوآهي ته اتان جون عورتن ۽ مرد مونسان صلاح مشورو ضرور ڪندا آهن. اهڙي طرح مختلف ڳوٺن جي عورتن کي گڏ ڪٽي مان مختلف ادارن جي آفيسن تائين پهچي ڳوٺن جا مسئلا حل ڪرائيندي آهيان ۽ اسان LSO سطح تي ملي ڪري ڪيترن ئي ادارن سان جنهن ۾ ”سيو دي چلڊرين“، ”هيلپ ايج“، ”گرين اسٽار“، ”هدايه ٽرسٽ“، ”سوشل ويلفيئر آفيس“، ”نادرا“ ۽ ٻين ادارن سان ملي ڪري ڳوٺ لاءِ بهتر ڪم پڻ ڪرايا آهن ۽ ڪوشش آهي ته اڃان به وڌيڪ ڳوٺن ۾ ترقي ۽ خوشحالي اچي. هن وقتLSO ۾ جيترو مون تي اعتماد ڪيو ويو آهي مان ان تي پوري لهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان، ائين ئي جڏهن سڀني مقامي سهڪاري ادارن پنهنجو اتحاد ٺاهي تعلقه سطح تي هڪ”خوشحال نيٽ ورڪ“ ٺاهڻ لاءِ گڏجاڻي ڪئي ته اتي به مون تي ڀرپور اعتماد ڪيو ويو ۽ انهن سڀني مونکي ايل.ايس.او خوشحال نيٽ ورڪ لڪي جي وائيس چيئرپرسن بڻايو ۽ مون سمجهيو ته ايترو وڏو بار کڻڻ منهنجي لاءِ مشڪل آهي پر مان ٿورائتي سرسو اداري ۽ پنهنجي خوشحال نيٽ ورڪ جي ساٿين جي آهيان جن مونکي ڏاڍي همت ڏياري.





مون ڪڏهن سوچيو ئي نه هو ته ڪو مان ڪڏهن اسلام آباد، ڪراچي ۽ بهاولپور جهڙا شهر گهمي سگهنديس ڇوته اسان جي ڳوٺ جو ماحول اهو هوندو هوته اسان صرف زمين ۽ گهر تائين محدود هونديون هيون سين ۽ عورت کي قيدياڻي سمجهي/ڻ کي محدود ڪيو رکيو ويو هو. پر، سرسو جي اچڻ کان پوءِ خدمت جي جذبي ۽ اسان کي ڳوٺ جي ماڻهن جي خدمت کي ڏسي ڳوٺاڻن ۽ گهر وارن جو اسان تي ايترو ڀروسو ٿيو آهي جو پلي/ لهي گهر ۾ موجود ناهن به هوندا ته جيڪڏهن ڪنهن غريب تي ڏکي گهڙي اچي ويندي آهي ته مان ان سان گڏجي انهن جي مسئلي لاءِ شهر ڏانهن هلي ويندي

آهيان ۽ منهنجي گهر وارا ناراض بہ ناهن ٿيندا. ڇوتہ هنن جو هاڻي اسان تي پورو يقين آهي تہ LSO جي ڪائي بہ عورت بنا ڪنهن لالچ جي خدمت ۾ ئي هوندي. ڇوتہ اسان جي اداري جو ڪم ئي خدمت آهي.

رخسانہ خاتون چواڻي تہ: اسان اهڙي علائقي ۾ رهون ٿا جتي پهريان ذات پات کي خاص اهميت ڏني ويندي هئي. پر، اسان جي محنت سان هاڻي هِتي ذات پات کي پوئتي رکي خدمت جي جذبي کي ڏنو ويندو آهي. جنهن جي ڪري مان غريب جي دروازي تي ڪم ڪار جي لاءِ ڪيترائي اهڙا ماڻهو ايندا آهن. جيڪي اڳ ۾ ڪنهن ٻين جي دروازن تي ويندا هئا. ۽ُ ٿان بنا ڪم جي واپس ورندا هئا، سندن مسئلا حل بہ نہ ٿيندا هئا. پر هاڻي اسان جي تنظيم ٺهڻ کان پوءِ ۽ اسان جي همت ۽ خدمت کي ڏسي ماڻهو اچن ٿا ۽ اسين انهن سان گڏجي سندن مئسلو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. انهيءَ ئي جذبي کي ڏسي ماڻهو مون عورت کي، همت وارو مرد سمجهدا آهن ۽ اڳ ۾ جيڪي چوندا هئا تہ عورت ڪجهہ بہ ٿي ڪري سگهي، اهي ڏکئي وقت ۾ مون کان ئي مشورو وٺندا آهن ۽ پنهنجا مسئلا حل ڪرائيندا آهن.




LSO ”ڪائنات“ جي سمورن ميمبرن جي خاص ڪري رخسانہ جي محنتن جي سِلي طور ڪيترائي ايوارڊ پڻ هن کي مليا آهن. خاص ڪري PPAF پاران مجتا طور ايل.ايس.او لاءِ ايوارڊ ۽ ايل.ايس.او جي بورڊ جي ميمبرن لاءِ مجتا سرٽيفڪيٽ ملڻ رخسانہ خاتون ۽ ان جي ٽيم جي وڏي خوش قسمتي آهي. جو پوري تعلقي لکيءَ جي 11 ايل.ايس.اوز مان صرف هن جي ايل.ايس.او کي اهي ايوارڊ ملڻ هنن جي محنتن کي ظاهر ڪن ٿا.

رخسانہ خاتون جو چوڻ آهي تہ اسين سمجهون ٿيون تہ اسان کي اڃان تمام گهڻو سفر طئہ ڪرڻو آهي تہ جيئن اسان پنهنجي يونين ڪائونسل جي ڳوٺن کي اڳتي ترقي جي راهہ تي آڻي سگهون ۽ ان ۾ ئي اسان جي ڪاميابي آهي.





# سنڈ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس شکارپور روڈ سکر

فون: 071-56271820 فیکس: 071-5627182-111